Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
TM-Reg:465078

جلد: 27 | آچر 23 مارچ 2025ع بمطابق 22 رمضان المبارڪ 1446هه | قيمت 20 رپيا | شمارو: 129

سنڌ اندر پاڻي کوٽ 54 سيڪڙو تائين پهچي وئي، سکر بئراج وٽ پاڻي کوٽ 72.56 سيڪڙو رڪارڊ

سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 13860 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 6040 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو، بئراج جي واهن کي پاڻي جي ضرورت 28,900 ڪيوسڪ آهي

دادو ڪئنال کي 3,100 ڪيوسڪ پاڻي گهرجي، پرواهه کي صرف 350 ڪيوسڪ پاڻي ملي پيو، نارا ڪئنال جي پاڻي گهرج 8,300 ڪيوسڪ، پر رڳو 2700 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي

خيرپور فيڊر ايسٽ کي 1,500 ڪيوسڪ پاڻي گهرجي، صرف 500 ڪيوسڪ پاڻي مليو، روهڙي ڪئنال کي 11,500 ڪيوسڪ پاڻي گهرجي، واهه کي صرف 2700 ڪيوسڪ ملي پيو

ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 5305 ۽ هيٺانهون وهڪرو 200 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو، منگلا ۽ تربيلا ڊيم ۾ پاڻي بحران شدت اختيار ڪري ويو

سکر: (رپورٽ: عمر سومرو) سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ وڌيڪ شدت اختيار ڪري ورتي آهي، سکر بئراج وٽ پاڻي جي کوٽ 72.56 سيڪڙو تي پهچي وئي، هزارين ايڪڙ زرعي زمين متاثر ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ملڪ ۾ پاڻي کوٽ سنگين مسئلو آهي، حل لاءِ تکڙا قدم کڻڻا پوندا: آصف زرداري

توانائي ۽ پاڻي جو تحفظ ملڪ لاءِ اٽل آهي، ماحولياتي تبديلين جا اثر سنگين ٿيندا پيا وڃن

محفوظ مستقبل لاءِ بجلي ۽ پاڻي جي بچت سان گڏ نئين توانائي کي هٿي ڏيڻ به اٽل آهي

ڊرپ ايريگيشن سسٽم، برساتي پاڻي محفوظ ڪرڻ ۽ ضايع ٿيڻ کان روڪڻ تي زور ڏي: پيغام

اسلام آباد (م د) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته توانائي ۽ پاڻي جو تحفظ ملڪ جي مستقبل لاءِ اٽل آهي، ماحولياتي تبديلين جا اثر سنگين ٿيندا پيا وڃن، پائيدار ترقي لاءِ ترقي ۽ اثرائتا قدم کڻڻا پوندا. ارٿ آور ۽ پاڻي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

نصيرآباد شهر جي مختلف ڌرين پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي

اي ڊبليو پي، ناري جمهوري محاذ، تعلقي بار ڪائونسل، پ پ ش ڀ نوناري پاڙي کان ريلي ڪڍي

ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ کي سڪايو ويندو جيڪا سازش برداشت نه ڪئي ويندي: فوزيا سينگار

ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ، سرسبز سنڌ کي ريگستان بڻائڻ واري منصوبي تي عمل ڪرڻ ڪونه ڏبو: سسئي لوهار

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي اڏجندڙ ناجائز ڪئنالن خلاف عوامي ورڪرز پارٽي، ناري جمهوري محاذ نصيرآباد، تعلقا بار ڪائونسل نصيرآباد ۽ پ پ شهيد ڀٽو پاران گڏيل احتجاجي ريلي، نوناري محلي/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ڪئنال ناهڻ، سنڌ سڪائڻ بند ڪريو
#NoMoreCanalsOnIndus
#NoToCorporateFarming

نصير آباد: ناري جمهوري محاذ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي، وڪيل احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

عدالت پاران موٽرسائيڪل چوري ۽ ٽي هزار رپيا ڦرجي ڪيس ۾ اين پي پي چيئرمين کي 28 مارچ تي ٻيهر پيش ٿيڻ جو حڪم

زرداري خاندان جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، الله کان سواءِ ڪنهن جي آڏو نه جهڪندس: مرتضيٰ جتوئي

10 جتوئي 200 پوليس وارن کان ڏاڍا ڪئين ٿيندا، مون کي جهڪائڻ خاطر 40 ڪيس ٺاهيا ويا آهن

ڪئنالن جي معاملي تي جي ڊي اي سان گڏ آهيان، عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي: عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون

راڻيپور: غلام مرتضيٰ جتوئي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ اچي رهيو آهي

راڻيپور (رپورٽر) نيشنل پيپلز پارٽيءَ چيئرمين غلام مرتضي خان جتوئي سيهوڊيرو ايٽ راڻيپور جي عدالت سڳوريءَ ۾ پيش، ڪيس 28 مارچ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ڌاڙيلن پنجاب واسي مغوي جي وڊيو وائرل ڪري ڇڏي

وڊيو ۾ مغوي انصار پنجابي ايس ايس پي ۽ ٻين کي اپيل ڪري رهيو آهي

ڌاڙيلن جي پوري ڪري منهنجي جان ڇڏايو، منهنجا گهروارا پريشان آهن: مغوي

[illegible] ڪنڌڪوٽ ۾ ڏهاڙا اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل [illegible] وائرل ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

قاضي احمد ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران درياهه مان تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي

فيض ڪيريو، اياز راهو، خالق ماڇي، ڊاڪٽر شبير چانديو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب تائين ريلي نڪتي

پاڻي تي ڌاڙو ۽ زمينن تي والار قبول نه ڪنداسين، عوام هاڻي سجاڳ ٿي چڪو آهي: فيض ڪيريو

قاضي احمد (غلام حسين راهو). وفاق پاران سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف عوامي ورڪرس پارٽي پاران تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ۽ سخت نعريبازي ڪئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ بدامني جي خاتمي لاءِ شهرين جي تحريڪ جاري

شهري اتحاد ۽ آل پارٽيز مومينٽ گهنٽا گهر چوڪ تي مسلسل ويٺل

پوليس ضلعو ڌوهارين کي ٺيڪي تي ڄڻ ڏئي ڇڏيو آهي: شهري اتحاد صدر

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

رب جا لکين احسان جو مسلمانن کي ڀلارو مهينو ڏنو: دلبر سائين

رمضان المبارڪ جو مهينو امن لاءِ رحمت، مغفرت ۽ ڀلائي جو آهي

اهي شخص جن جي زندگي ۾ رمضان جو مهينو نصيب ٿئي ٿو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناليواري مشهور درگاهه فضل آباد جي سجاده نشين پير ڪرم الاهي المعروف دلبر سائين مدني رمضان المبارڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ڪپرو ويجهو ڪار ڪلٽي، هڪ ڄڻو فوت، نوجوان زخمي

ڪپڙ اسٽاپ وٽ منشيات سان ڀريل تيز رفتار ڪار ڪلٽي ٿي پئي

ڪوئيٽا واسي ثناءَالله بروهي ٿڏي تي دم ڏنو، فرحان بروهي زخمي ٿيو

ڪپرو (چيتن داس سوني) لوڻ ڪاڻ لڳ ڪپڙ اسٽاپ وٽ منشيات سان ڀريل تيز رفتار ڪار ڪلٽي، هڪ ڄڻو فوت هڪ نوجوان زخمي، خبر موجب:/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ڪي اين شاهه ۾ تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف ٻن ڏينهن واري احتجاجي ڪئمپ قائم

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) سنڌو درياهه مٿان/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

مورو ۾ عوامي ورڪرز پارٽي جي ڇهن ڪئنالن ۽ زمينن تي والار خلاف احتجاجي ريلي

مورو (رپورٽ طالب حسين ڪوسو) مورو ۾ عوامي ورڪرز پارٽي ضلعي نوشهري فيروز طرفان پاڻي جي عالمي ڏينهن تي سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ SIFCخلاف مورو دادو باءِ پاس نيشنل هائي وي/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

جسقم ضلعي شڪارپور پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ڪئمپ قائم

شڪارپور)ميرامتياز علي مري)جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) ضلعي شڪارپور پاران سنڌو درياءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

سنڌو مان واري پئي اڏامي ۽ پنجاب ۾ بمپر فصل پيا ٿين: سسئي پليجو

سنڌ پاڻي سميت وسيلن ۾ منصفاڻي ورڇ چاهي ٿي ان جي ڳالهه ٻڌي وڃي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو پاڻي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

عمران خان جي آزادي معافي سان مشروط آهي: راڻا ثناءَالله

عمران خان 9 مئي واقعن تي سچي دل سان معافي گهري ته آزاد ٿي سگهي ٿو

پي ٽي آءِ باني کي عدالت آزاد ڪري ٿي ته حڪومت کي ڪو به اعتراض ناهي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

سلامتي ڪائونسل اسرائيلي جارحيت روڪرائڻ لاءِ قدم کڻي: پاڪستان

فلسطينين جي نسل ڪشي سازش تحت ٿي پئي: منير اڪرم

اسرائيل ظلم جون سڀ حدون پار ڪري ويو آهي: اجلاس کي خطاب

نيويارڪ (م د) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

طورخم بارڊر 27 ڏهاڙن بعد پيادل اچ وڃ لاءِ کلي ويو

خيبر: (م د) پاڪ افغان طورخم بارڊر 27 ڏينهن کان/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ڪراچي ۾ حضرت علي ع جي شهادت جي سلسلي ۾ نڪتل ماتمي جلوس ايم اي جناح روڊ تان گذري رهيو آهي

ڪوئيٽا کان رات وقت پبلڪ ٽرانسپورٽ کي سفر جي اجازت نه ڏيڻ جو فيصلو

ڪمشنر حمزا شفقات جي صدارت ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي حوالي سان اجلاس

ڪوچن، بسن ۾ ٽريڪر ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائون فعال رکيون وينديون: ڪمشنر

ڪوئيٽا (م د) ڪوئيٽا کان رات جي وقت ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

عامر مصطفيٰ قتل ڪيس: جوابدار ارمغان رمانڊ تي جيل حوالي

جوابدار خلاف 3 ٻيا ڪيس به التويٰ هيٺ آهن، جاچ ڪرڻي آهي: پوليس

جج ارمغان جي بيان رڪارڊ ڪرائڻ درخواست کي رد ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ۾ عامر /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

حضرت علي ع جي شهادت سان قرباني جو وڏو مثال قائم ٿيو: گورنر سنڌ

رمضان جي وڏي راتين جو صدقو الله اسان جي ملڪ کي ترقي عطا فرمائي

دهشتگردن کي گڏجي شڪست ڏيڻي پوندي: افطار ڊنر کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) سنڌ جي گورنر ڪامران خان/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

حڪومت پاڻي ورڇ کي يقيني بڻائي، جيئن هر صوبي کي حصو ملي: مراد علي شاهه

پاڻي جي کوٽ زراعت ۽ معيشت لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهي آهي، ترت اپاءَ وٺڻا پوندا

درياهه جي گهٽ ٿيندڙ وهڪرن لکين ماڻهن جي روزگار کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي

سنڌ ۾ اڳ پاڻي ناهي پوءِ ڪينال ڪيئن ٺاهي سگهجن ٿا؟ پاڻي جي عالمي ڏينهن تي پيغام

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت ۾ روينيو بورڊ جو اجلاس ٿي رهيو آهي

آفريقي ملڪ نائجر ۾ مسجد تي دهشتگردن جو حملو، 44 نمازي شهيد، ڪيترائي زخمي

نيامي (م د) آفريقي ملڪ نائجر ۾ مسجد تي دهشتگردن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

ڪراچي مقامي عدالت ۾ پيڪا ايڪٽ ڪيس جي ٻڌڻي، جوابدار رمانڊ تي پوليس حوالي

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت تحريڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

سڄي سنڌ ۾ يوم علي ع ملهايو ويو، جلوس برآمد، سيڪيورٽي سخت

ڪراچي ۾ مرڪزي جلوس ٻنپهرن جو نشترپارڪ کان نڪتو، جلوس روايتي رستن کان ٿيندي امام بارگاهه حسينه ايرانيا تي نهر ٿيو

جلوس جي روٽ تي ايندڙ دوڪان بند ڪرايا ويا آهن، ايم اي جناح روڊ کي به ٽريفڪ جي لاءِ بند ڪيو ويو هو

جلوس جي رستن جي رستن تي ڪلوز سرڪٽ ڪيمرائن جي ذريعي پڻ نگراني ڪئي وئي

ڪراچي: (اسٽاف رپورٽر+ م د) ڪراچي سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ اڄ چوٿين خليفي حضرت /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

اضافي ڀاڙو ڪان بچائڻ لاءِ سنڌ سرڪار پاران ٽرانسپورٽ آفيسرن جون موڪلون رد

اضافي ڀاڙن جي وصولي خلاف مهم جي سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتو متحرڪ آهي: شرجيل ميمڻ

سينيئر آفيسرن ۽ عملي جون عيد جون موڪلون رد ڪيون ويون آهن ته جيئن اهي اسپاٽ تي موجود رهن

عيد دوران اضافي ڀاڙا وٺڻ جون شڪايتون عام هونديون آهن، ڪنهن به شهري کي اضافي ڀاڙو نه ڏيڻ گهرجي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) عوام کي اضافي ڀاڙن کان بچائڻ لاءِ سنڌ حڪومت اهم فيصلو/ڏسو صفحو 3 بقايا 46

ڪوئيٽا مان ٽرين سروس بحال نه ٿي، موبائل فون سروس به بند، ريڊ زون سيل

سانحي کان پوءِ يارهين ڏينهن به ڪوئيٽا کان اندرون ملڪ لاءِ ٽرين سروس بحال ناهي ٿي سگهي

چمن پسينجر ٽرين معمول موجب هلي رهي آهي، ڪوئيٽا مان ٽرين سروس في الحال بند آهي: اختياريون

ڪوئيٽا ۾ ريڊ زون علائقين کي به سيل ڪري رستن کي ڪنٽينر بيهاري بند ڪيو ويو آهي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان ۾ جعفر ايڪسپريس تي حملي کانپوءِ ڪوئيٽا مان ٽرين سروس/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

وفاقي حڪومت پگهاردار طبقي کي فوري رليف ڏيڻ کان معذرت ڪري ڇڏي

ملڪي معيشت جون حالتون اهڙيون آهن جو فوري طور تي ملازمن کي رليف ڏيڻ ممڪن نه آهي: بلال اظهر ڪياني

ريلوي ۾ هڪ هزار پوليس اهلڪار ڀرتي ڪيا پيا وڃن، بلوچستان ۾ ٽرين تي هاڻ 22 سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويندا

ڪميٽي کنڊ جي ڪمرشل ۽ گهريلو ڌار ڌار قيمتون مقرر ڪرڻ جي لاءِ 17 اپريل تائين ڪم مڪمل ڪري وٺندي: شاهد عثمان

اسلام آباد: (م د) حڪومت پگهاردار طبقي کي فوري رليف ڏيڻ کان معذرت ڪري ڇڏي آهي. رپورٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 38

PAK Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقه حنفيه)

افطاري: بروز آچر	6 لڳي 45 منٽ
سحري: بروز سومر	5 لڳي 15 منٽ

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقه جعفريه)

افطاري: بروز آچر	6 لڳي 55 منٽ
سحري: بروز سومر	5 لڳي 05 منٽ

”درياهه تي ڌاڙو نامنظور“ صحافي اتحاد نوشهروفيروز جي سڏ تي ڪوٽڙي ڪبير ۾ ريلي

ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پلي ڪارڊ کڻي نيشنل هاءِ وي تان مارچ ڪندا پريس ڪلب پهتا

زرداري ارسا ايڪٽ ترميم تي صحيح ڪري ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت ڏئي دوکو ڪيو: مولابخش ٿيٻو

درياهه جي بقا لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين جنگ ڪندا رهنداسين، فيصلو واپس وٺڻو پوندو: حاجي غلام حسين

ڪوٽڙي محمد ڪبير (حيدر بخش ٿيٻو) صحافي اتحاد نوشهروفيروز جي سڏ تي صحافين پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

سنڌو درياءَ تي ڌاڙو نا منظور

ڪوٽڙي ڪبير: صحافي اتحاد نوشهروفيروز جي سڏ تي ڪئنالن خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

جونيئر ذوالفقار ڀٽو جي هنگورجا پهچڻ تي شاندار آجيان، ڏيپارجا ۾ افطار پارٽي ۾ شرڪت ڪئي

هنگورجا (ن پاڪ) شهيد ميرمرتضي ڀٽو جو پٽ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو هنگورجا پهچڻ تي پ پ پ شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ عنيات عمراڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 40

پيپلز ليبر بيورو ۽ سوشل سيڪيورٽي پيپلز اسٽاف يونين جو ڪئنالن خلاف احتجاج

سنڌو درياءَ اسان جي زندگي آهي، قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين: احمد نواز سميجو

ساهه جي آخري گهڙي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو وچن ڪريون ٿا: جبار سولنگي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) سنڌو درياءَ سنڌين جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

قاضي احمد ۾ نان ڪسٽم پيڊ سگريٽن جا ڪارٽون هٿ، گودام سيل

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڳجهي اطلاع تي پوليس جي مدد ايڪشن ڪنيو

دوست محمد ڪالوني مان پڪڙيل سگريٽ نواب شاهه منتقل ڪيا ويا

قاضي احمد (غلام حسين راهو) قاضي احمد ۾ غير قانوني/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڀڳت سنگهه جي 94 هين ورسي جي مناسبت سان تقريب

ڀڳت سنگهه برصغير جي طبقاتي جدوجهد جو عظيم انقلابي هيرو آهي: منظر چانڊيو

پروگرام ۾ سنڌو دريا تي نوان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ خلاف قرارداد پڻ پاس ڪئي وئي

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) طبقاتي جدوجهد/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

خيرپور ناٿن شاهه طرفان ڀڳت سنگهه جي 94 وين ورسي جي مناسبت سان طبقاتي جدوجهد

23 March
یوم پاکستان
بڑھا رہے ہیں ہم
پاکستان کی شان
دیکھ رہی ہے دنیا
پاکستان کی اُڑان
PID(I) 6533-D/24
#Youm_e_Pakistan
URAAN PAKISTAN
وزارت اطلاعات ونشریات
حکومتِ پاکستان
/GovtofPakistan
www.moib.gov.pk

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

آچر 23 مارچ 2025ع بمطابق 22 رمضان المبارڪ 1446هه

سنڌ جي زميني رڪارڊ کي جديد بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ جي زميني رڪارڊ کي جديد بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي سنڌس حڪومت هڪ جديد ڊجيٽلائيزيشن شروع ڪئي آهي جنهن جو مقصد ملڪيت جي انتظام ۾ درستگي، سيڪيورٽي ۽ ڪارڪردگي کي يقيني بڻائڻ آهي. بورڊ آف روينيو جي هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير لاڳاپيل سنگ ميلن تي بحث ڪيو ۽ زمين جي دستاويزن ۽ منتقلي لاءِ هڪ آسان ٽيڪنالاجي تي ٻڌل طريقي جي ضرورت تي زور ڏنو. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو (ايس ايم بي آر) بقاءُ الله انڙ، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، آءِ بي اي سکر جو وائيس چانسلر آصف شيخ، سيڪريٽري آءِ ٽي نور احمد سمون، اسپيشل سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن زمان ناريجو ۽ ٻيا شامل هئا. شروعات ۾ وڏي وزير مراد شاهه زور ڏنو ته زمين جي منتقلي جي پوئين 12 مرحلن جي عمل کي هڪ مرحلي واري ڊجيٽل ميڪانيزم ۾ هموار ڪيو وڃي، رسائي جي آساني کي يقيني بڻائي ۽ بيوروڪريٽڪ دير کي ختم ڪيو وڃي. هن ان ڳالهه تي روشني وڌي ته سنڌ جو ڊجيٽل لينڊ رڪارڊ سسٽم جديد، ٽيڪنالاجي سان هلندڙ گورننس، ڪرپشن گهٽائڻ، ملڪيت جي حقن کي يقيني بڻائڻ ۽ ملڪيت جي ٽرانزيڪشن کي تيز ڪرڻ لاءِ هڪ مثال قائم ڪندو. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير کي اي-سسٽم بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته هن قدم تحت زمين جي رڪارڊ کي پيپرلکيو ۽ تصديق ڪيو پيو وڃي، هڪ ڊجيٽل زمين رجسٽر ٺاهيو پيو وڃي ۽ بلاڪ چين ٽيڪنالاجي کي ضم ڪيو پيو وڃي ته جيئن ٽمپر پروف رڪارڊ کي يقيني بڻائي سگهجي. هن وڏي وزير کي ٻڌايو ته ان کان علاوه ويب تي ٻڌل اي-ٽرانسفر سسٽم ملڪيت جي ٽرانزيڪشن کي بغير ڪنهن پريشاني جي سرڪاري آفيسن ۾ وڃڻ جي ضرورت کان سواءِ آسان بڻائيندو. نظرثاني ۽ تصديق: درستگي ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت ڳوٺ فارم - VII_A ۽ ڳوٺ فارم - II جي رڪارڊ کي دستي طور تي پيپرلکي رهي آهي جيڪي زمين جي ملڪيت جي ڊيٽا جي بنياد طور ڪم ڪن ٿا. چيف سيڪريٽري وڏي وزير کي ٻڌايو ته ملڪيت جي تصديق ۽ ڪاغذن ۾ غلطين جي جانچ لاءِ هڪ ڪمپيوٽرائيزڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC)لنڪيج سسٽم شامل ڪيو پيو وڃي. ڊجيٽل لينڊ رجسٽر جوڙڻ: چيف سيڪريٽري وڏي وزير کي ٻڌايو ته هڪ جامع ڊجيٽل زمين رجسٽر تيار ڪيو پيو وڃي ته جيئن سروي نمبروار سڄي ڳوٺ جي علائقي جي تفصيل رڪارڊ ڪري سگهجي. آصف حيدر شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته سسٽم غير منتقلي لائق زمين جي ڪيٽيگرين تي ڊيٽا پڻ رکندو جنهن ۾ ٻيلي جي زمين، ڳوٺ جي زمين، قبرستان، ۽ ٻيا زمين (ليز تي ڏنل زمين) شامل آهن. انهي کي يقيني بڻائيندي ته اهي ملڪيتون محفوظ ۽ غير مجاز ٽرانزيڪشن کان محفوظ رهن. بلاڪ چين-محفوظ ڊيٽابيس آرڪيٽيڪچر: وڏي وزير مراد شاهه کي بريفنگ ڏيندي چيف سيڪريٽري چيو ته هن شروعات ۾ سڀ کان اهم ترقي بلاڪ چين ٽيڪنالاجي جو استعمال آهي. هن چيو ته پيپر لکيل ۽ تصديق ٿيل رڪارڊ -(V.F.VII A&V.F.II)مڪمل طور تي ڊجيٽلائيز ڪيا ويندا ۽ بلاڪ چين تي ٻڌل ڊيٽابيس ۾ محفوظ ڪيا ويندا. انهن کي ناقابل تبديلي ۽ ڇڪتاڻ کان محفوظ بڻائيندا. ۽ وڌيڪ چيو ته هي انفراسٽرڪچر CNIC سان ڳنڍيل ملڪيت جي تصديق کي پڻ فعال ڪندو. هڪ محفوظ ۽ شفاف زمين جي رجسٽري سسٽم ٺاهيندو. زمين جي عنوانن جي ويب تي ٻڌل اي-منتقلي: وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته نئون نظام هڪ ڪاغذ ڪانسواءِ، بنا ڇهري جي ۽ تڪليف کان پاڪ زمين جي ملڪيت جي منتقلي جو طريقو متعارف ڪرائيندو جنهن سان روينيو آفيسن ۾ وڃڻ جي ضرورت ختم ٿي ويندي. هن چيو ته ان جي بدران عوامي خدمت مرڪزن تي بايوميٽرڪ تصديق واحد ضرورت هوندي، جيڪا عمل کي وڌيڪ محفوظ ۽ ڪارآمد بڻائيندي. ۽ وڌيڪ چيو ته سسٽم کي نادرا، فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر)، بينڪن ۽ ٻين سرڪاري ادارن سان حقيقي وقت ڊيٽا جي تصديق لاءِ ضم ڪيو ويندو. پائلٽ پروجيڪٽ جي منظوري: وڏي وزير مراد شاهه چيف سيڪريٽري جي سفارش تي ديهه متياري ۽ پليجاڻي (ضلعو ۽ تعلقو متياري) ۽ ديهه باگرجي (تعلقو ۽ ضلعو سکر) ۾ هڪ پائلٽ پروجيڪٽ جي منظوري ڏني آهي ته جيئن هن ڊجيٽل فريم ورڪ جي اثرائتي کي جانچيو وڃي. وڏي وزير چيو ته انهن علائقن کي آءِ بي اي سکر جي تعاون سان زمين جي رڪارڊ جي پيپرلکڻ ۽ ڊجيٽلائيزيشن لاءِ چونڊيو ويو آهي جيڪو هن تبديلي لاءِ ٽيڪنيڪل فريم ورڪ تيار ڪري رهيو آهي. مراد علي شاهه چيو ته بلاڪ چين ٽيڪنالاجي، بايوميٽرڪ تصديق ۽ ويب تي ٻڌل ملڪيت جي منتقلي جي انضمام سان سنڌ مستقبل جي زمين جي انتظام جي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي جيڪو وڌيڪ ڪارڪردگي، سيڪيورٽي ۽ عوامي اعتماد جو واعدو ڪري ٿو.

23 مارچ يومِ پاڪستان، انهن سالن ۾ ڇا وڃايو ڇا حاصل ڪيو؟

مجاهد بوزدار

هر سال 23 مارچ تي پاڪستان ۾ يومِ پاڪستان وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي هي ڏينهن 1940ع ۾ منظور ڪيل تاريخي قراردادِ لاهور جي ياد ڏياريندو آهي جنهن برصغير جي مسلمانن لاءِ هڪ الڳ وطن جي قيام جي راهه هموار ڪئي پاڪستان جي قيام ڪان وٺي اڄ تائين ملڪ ڪيترائي ڪاميابيون حاصل ڪيون پر ڪيترن ئي چئلينجن ۽ نقصانن جو پڻ سامهون ڪيو هن مضمون ۾ اسان جو جائزو وٺنداسين ته پاڪستان انهن سالن ۾ ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اسان کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي پاڪستان جي سڀ ڪان وڏي ڪاميابي ان جو هڪ آزاد رياست طور قيام آهي جيڪو برصغير جي مسلمانن لاءِ هڪ الڳ سڃاڻپ ۽ خودمختياري جو سبب بڻيو 1998ع ۾ پاڪستان ڪامياب جوهري تجربا ڪيا جنهن سان هو اسلامي دنيا جي پهرين ۽ دنيا جي ستين ايٽمي طاقت بڻجي ويو هي قومي دفاع ۾ هڪ اهم قدم هو زراعت،صنعت ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ نمايان پيش رفت ٿي پاڪستان مختلف صنعتن ۾ ترقي ڪئي ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ عالمي سڃاڻپ حاصل ڪئي ملڪ ۾ تعليمي ادارن جو قيام عمل ۾ آيو جن ۾ قائدِاعظم يونيورسٽي، لمز،اين اي ڊي ۽ ٻيا ادارا شامل آهن پاڪستان پنهنجي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو جنگي جهاز،ميزائل ٽيڪنالاجي ۽ ٻيا دفاعي هٿيار تيار ڪيا پاڪستان جي فلم،ڊرامي،موسيقي ۽ ادب عالمي سطح تي پڻ مقبوليت حاصل ڪئي پاڪستان جي فنڪارن،شاعرن ۽ اديبن سڄي دنيا ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو پر پاڪستان جي قيام کانپوءِ سياسي عدم استحڪام هميشه هڪ وڏو مسئلو رهيو جمهوري نظام جي تسلسل جي کوٽ ترقي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون مهانگائي ۽ غيرمتوازن معاشي پاليسين جي ڪري پاڪستان جي معيشت هميشه دٻاءَ جو شڪار رهي آهي پاڪستان اڃا تائين تعليمي نظام ۾ بهتري آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي صحت جي شعبي ۾ به وسيلن جي کوٽ ۽ ناقص پاليسين سبب عوام کي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي موسمياتي تبديلي،پاڻي جي کوٽ ۽ ٻيلن جي واڍي جهڙن معاملن ملڪ کي ماحولياتي بحران ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقي لاءِ هر شهري کي پنهنجو سٺو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو موجوده چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي هيٺيان قدم کڻڻا پوندا مذهبي،لساني ۽ سياسي اختلافن کي وساري قومي ٻڌي کي هٿي وٺرائڻي پوندي تعليم هرقوم جي ترقي جي بنياد هوندي آهي ان ڪري اسان کي تعليمي ادارن جي بهتري،معيارِ تعليم ۾ اضافو ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي واڌاري تي ڌيان ڏيڻ گهرجي هرشهري کي ايمانداري سان ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ملڪ جي وسيلن جو درست استعمال يقيني بڻائڻو پوندو نوجوانن کي ڊجيٽل مهارتن سان ليس ڪري فريلانسنگ،اي-ڪامرس ۽ اسٽارٽ اپ ڪلچر کي هٿي ڏيڻ گهرجي ته جيئن عالمي معيشت ۾ مقابلي جي سگهه وڌي سگهي عورتن کي تعليم، ڪاروبار ۽ قيادت ۾ وڌيڪ موقعا ڏيڻ سان ملڪ جي ترقيءَ ۾ نمايان واڌ ٿي سگهي ٿي جديد زراعت،ڊرپ ايريگيشن ۽ جينيٽڪ تحقيق ذريعي زرعي شعبي کي مستحڪم ڪرڻو پوندوعوام ۽ ادارن کي ملڪ ۾ امن جي واڌاري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو شڪي سرگرمين جي رپورٽ ڪرڻ ۽ نوجوانن کي سٺين سرگرمين ڏانهن توجو ڪرڻ ضروري آهي وڻ لڳائڻ،پاڻي جي صحيح استعمال ۽ پائيداري توانائي جي واڌاري تي زور ڏيڻ گهرجي ته جيئن موسمياتي تبديلين جي اثرن کي گهٽائي سگهجي پاڪستان جي سفارتي تعلقات کي مضبوط ڪرڻ ۽ بين الاقوامي سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ لاءِ قدم کڻڻ لازمي آهي پاڪستان پنهنجي قيام کان وٺي اڄ تائين بيشمار ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏنو جيتوڻيڪ مشڪلاتون موجود آهن پر پاڪستان جي عوام ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن ۽ هو پنهنجي محنت،عزم ۽ قربانين سان ملڪ کي ترقي جي راهه تي گامزن رکي سگهن ٿا اسان کي يومِ پاڪستان جي موقعي تي اهو عهد ڪرڻ گهرجي ته اسين پنهنجي غلطين مان سبق حاصل ڪنداسين ۽ هڪ مضبوط،مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير لاءِ ڪم ڪنداسين.

آءِ ايم ايف جا پريشر ۽ شهبازسرڪار

رياض ابڙو

مهانگائي، گيس، پيٽرول، بجلي جا اگ، اندروني ۽ بيروني پاليسيون ۽ پريشر ڏسي عوام پريشاني جي عالم ۾ ٻڌل آهي. عوام ته شهبازسرڪار جا واعدا به ياد ٿو ڪري، جڏهن هنن اڃڻ سان ئي چيو هيو ته هي اسٽيٽ بينڪ جي 1954 واري ايڪٽ تي عمل ڪرائيندا. پر اڃڻ سان ئي ساڳا لاٽون ساڳا چڪر واري ڳالهه ڪين. نه مهانگائي ڪنٽرول ڪري سگهيا ۽ نه ئي عوام کي ڪو رليف ميلو هي ته ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ واري ڳالهه ڪري وري ڦري ويا. پيٽرول جي سبسڊي ختم ڪين ۽ ان تي 70 روپيا ڊيوٽي وڌائي ويا (اڳ ۾ حڪومت پيٽرول تي پي ڊي ايل 60 رپيا في ليٽر مقرر ڪيو هيو پر 15 مارچ 2025 کان وٺي پيٽروليم جي قيمتن جي تازي جائزي هيٺ حڪومت ٽيڪس ۾ 10 رپيا في ليٽر واڌ ڪري ڇڏي، جنهن سان اهو 70 رپيا ٿي ويو). وري عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ ڪو ضابطو نه آڻي سگهيا. شهبازسرڪار اڃڻ سان ماڻهو ان انتظار ۾ هيا ته روپئي جي قدر ۾ اضافو ٿيندو. پر شهبازسرڪار جي چڙهڻ سان ڊالر جي قيمتن ۾ استقامت به نه آئي. ۽ وري چڙهي ويو. شهبازسرڪار جو انهن ڳالهين تي ڪو ڌيان ناهي، هنن جو ڌيان رڳو پي ٽي آءِ جي ڳالهين ۽ راضپي تي آهي ته هاڻي ڇا ٿيندو. ڳالهيون ترنديون رهن ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ اندر ئي هجي. هن پيري به شهبازسرڪار عوام سان چالاڪي ڪئي، جو هنن هٽ هڪڙو ڏيکاريو ۽ هٽي ويو ويا. شهبازسرڪار وارا ترن جو تيل ترن مان ڪڍي ڇاڻن. جي هي پيٽرول مهانگو نه ٿا ڪن ته بجلي، گيس، عام واهپي جون شيون ۽ سپرٽيڪس مڙهي عوام جي مٿان مڙهي بار رکندا ٿا وڃن. هڪڙي ڳالهه نون ليگ جي پلي آهي ته هي پي ٽي آءِ وانگي گيلپ سروي نه ٿا ڪرائن، جنهن ۾ عوام جي آڏو کوڙ بدوڙ هٽي، معاشي حالتون بهتر جاتائي سگهن، يا چئي سگهن ته معيشت نون ليگ جي دور ۾ بهتر ٿي آهي. پر هنن جي لاءِ مصيبت اها به آهي ته هي پاڻ کي گنڊريل سرڪار سان نه ٿا پيتي سگهن، ان ڪري ته پهرين به پاڻ هيا ۽ هاڻي به پاڻ آهن. هنن ته سورنهن مهينن ۾ ڪجھ نه ڪيو اهي هاڻي به ڪجھ ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهن. هي رات پيٽ ۾ ڳجهيون ايگريمينٽ ڪري آءِ ايم ايف کان قرض پڪا وٺي ڪم هلائي ٿا وڃن. پر ڳالهه اها به آهي ته گهرجا ٽيڙتاڙي وڪٽي آخر ڪيستائين ڪم هلائي سگهجي ٿو جو حڪومت ادارا وڪڻڻ جي مشق ۾ لڳي پئي آهي. ۽ زمينون وڪٽي ڪارپوريٽ فارمنگ جي لالچ ۾ هن خلق کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي.

هن دفعي آءِ ايم ايف جو پروگرام به ٽيڪس جا سڌارا ٿو گهري. جنهن ڪانسواءِ آءِ ايم ايف هنن کي آگسٽ سيپٽمبر تائين 5 کان 7 ارب روپين جي قسط جاري نه ڪندي. ملڪ ۾ ڪاتو پٽ ادارا ڪجھ نه ٿا ڪري سگهن. حڪومت پاڻ ٽيڪس ڪليڪشن تي گذران ٿي ڪري، جنهن جي ڪري هنن وٽ اعلي اپٽ وارا ادارا ناهن رهيا. آءِ ايم ايف سان هر دفعي اهو واعدو ڪري ٿا اچن ته هي ٽيڪس وڌائيندا ۽ نوان ٽيڪس به لاڳو ڪندا. جنهن ۾ عوام جي پلي چيلھ پچي ۽ عوا بيٺو ٿي پٽ تي ڪري. آءِ ايم ايف سان 20 کان 22 سيڪڙو ٽيڪس آمدني جي واڌ ۽ اوڳاڙي جي واعدن باوجود هي 12 سيڪڙو تائين ٽيڪس اوڳاڙي به نه ٿا ڪري سگهن. ڳالهه اها به آهي ته جيڪي عام دوڪاندار، ريڙهي هلائيندڙ، هوٽلون يا ٻيا ڪاروبار هلائيندڙ ۽ وڏيون فيڪٽريون هلائيندڙ هن رياست جي ڇنبي ۾ نه ٿا اچي سگهن، چو ته ٽيڪس نظام خراب آهي. پر آءِ ايم ايف جي مسلسل قرض وٺڻ جي صورت اهي ٻاهريون طاقتون رياست جي مٿان زور ٿيون رکن ته اهي ٽيڪس جي نظام ۾ سڌارا آڻين ۽ زرعي ٽيڪس سميت انڪم ٽيڪس، ڪنزيومر ٽيڪس، ويلٿ ٽيڪس، سيلز ٽيڪس سميت اهڙي سپر ٽيڪس لاڳو ڪن جنهن ۾ هي هڪ ڌڪ سان سڀ شڪار ڪري وڃن. پر بدقسمتي سان هڪ پگهاردار طبقو آهي، جيڪو ڦيٽي ٽيڪس ٿو ڀري. باقي ڪير به اهڙي ٽيڪس جي زمري ۾ نه ٿو اچي. جو پگهار وٺڻ کان پهرين ٽيڪس ڪٽجي ٿي وڃي ۽ پوءِ ڪنزيومر ۽ ويلٿ ٽيڪس الڳ. ادارا به ڊجيٽائيزيشن جي ڪري ۽ بينڪنگ سسٽم جي فعال ۽ بهتر هجڻ جي ڪري، ٽيڪس ڪٽوتيون ڪٽريون ڪري ٿا وڃن. باقي ٻين تي ڪا به ٽيڪس نه لاڳو ڪري ٿا سگهن ۽ نه ئي اوڳاڙي ٿا سگهن.

هن رياست جي مٿان وڏو بار پينشنر جو به آهي. جيڪو 1.2 ملين آهي، جن ۾ وفاقي ۽ فوجي رٽائرڊ ٻئي شامل آهن. وفاقي پينشن بجيٽ جو هڪ اهم حصو فوجي پينشن لاءِ مختص ڪيو ويندو آهي. جيڪي ملڪي ناڻي تي بار آهن. پر سوال اهو به آهي ته آءِ ايم ايف جا پيسا ڪاڏي ٿا وڃن؟ اهي جيڪڏهن آپريشنل خرچن، پگهارن جي مد ۾ هليا ٿا وڃن، باقي پينشنرز ۽ وزيرن جي خرچن ۾ هليا ٿا وڃن ته پوءِ ٽيڪس جي اوڳاڙي ڪاڏي ٿي وڃي؟ هيل تائين ملڪ ته پينشنرز کي گهٽائڻ، ادارن کي خانگائڻ، موسمي ڏمرن کي منهن ڏيڻ، ٽيڪس نظام جي خرابين کي بهتر ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. ٽيڪس جي وڏي حصي جي اوڳاڙي ته ان طبقي کان ممڪن آهي، جيڪي پاڻ اقتداري آهن. جيڪي سرڪيولر ڊيٽس ۾ ڦاٿل پيسا آهن. اهي بجلي، گيس ۽ ٽيڪس جي مد ۾ ان طبقي وٽ رهتو آهن. جيڪي پاڻ پاليسي ميڪر آهن. جيڪي پاڻ ٽيڪس جا نظام ناهن ۽ جوڙين ٿا. پر ڏسجي ته انڪم ٽيڪس ۽ ويلٿ ٽيڪس جي اوڳاڙي ۾ ملڪي ادارا پڙ ناهن. ان ڪري ته اهي ادارا انهن وڏين مڇين تي اگر نه ٿا ڪٽي سگهن. جيڪي پاڻ وزارتن ۾ ۽ عسڪري ادارن ۾ ويٺل آهن. اهي انهن جي در تائين نه ٿا وڃي سگهن. جيڪي پاڻ ڪرتاڌرتا آهن. ان جو مثال مشرف جي دور ۾ بينڪن طرفان ڏنل ڪاريون. بينڪن جا قرض ۽ ڪريڊٽ ڪارڊ جيڪي ماڻهن ڏڙا ڏڙ ورتا ته صحيح. پر جڏهن اوڳاڙي ۽ ڪليڪشن جو وارو هيو ته اهي ماڻهو سڀ جا سڀ ايم ڪيو ايم سميت ٻين سياسي پارٽين ۽ نوگو ايرياز جا نڪتا. جن وٽ ان بينڪ جي ملازم جو وڃڻ مشڪل هيو جو بينڪ جا قرضي ان ملازم کي ڌمڪي ڏيندا هيا ته ٻيهر هن گهٽي ۾ ڪاريا ڪريڊٽ ڪارڊ ۽ بينڪ جي قرض جي قسط وٺڻ آئين ته واپس موٽي نه سگهندين. 80 ۽ 90 جي ڏهاڪي جي هڪ چانهه جي ڪمپني جي ٽيڪس اوڳاڙي تي جڏهن مشهور شاعره پروين شاڪر (جيڪا ايف بي آر ۾ ڪميشنڊ آفيسر هئي) کي مقرر ڪين. پر ڪمپني هن سان ذاتيات تي لهي آئي ۽ اسلام آباد جهڙي روڊن تي ٽرڪ چاڙهي مارائي ڇڏيئنس (والله عالم).

هن وقت ملڪ ۾ ڪل 413 سگريٽ ٺاهيندڙن ڪمپنيون آهن. انهن مان به ملٽي نيشنل آهن. جيڪي مڪمل طور تي ٽيڪس ۽ عوامي صحت جي ضابطن جو خيال رکن ٿيون. جيڪي ٽيڪس جو اندازن 44 سيڪڙو ڏين ٿيون. باقي صنعتون ٽيڪس کان آجيون آهن. ان ڪري ٽيڪس چور ڪمپنين کان اوڳاڙي لاءِ ايف بي آر کي "ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم" بهتر ڪرڻو پوندو. انسٽيٽيوٽ فار پبلڪ اوپينين ريسرچ پاران ڪيل هڪ تازي سروي ۾ مارڪيٽ ۾ ڪليل طور تي موجود 413 مان صرف 19 سگريٽ برانڊ مڪمل طور تي ٽيڪس ڏيندڙ آهن. جن جي تعميل جي شرح صرف 4.6 سيڪڙو آهي. بهتر نفاذ ۽ نظام ذريعي ٽيڪس ڪوريج کي وڌائڻ لاءِ حڪومت جون 2022 کان وٺي وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي کي سراسري طور تي 212 سيڪڙو تائين وڌايو ۽ گلوگلڊ ايڪسائيز ٽيڪسيشن نظام ۾ 2017 کان وٺي وڏيون عارضي تبديليون به ڪيون. پر ايڪسائيز ٽيڪسيشن نظام ۾ بار بار ۽ غيرپائيدار تبديلين، ڪمزور ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ تماڪ سان لاڳاپيل سرڪاري ضابطن جي سست تعميل جائز سگريٽن جي وڪري کي به گهٽائي ڇڏيو چو ته غيرقانوني سگريٽن جي وڪرو ٻن سالن تائين جائز برانڊ جي وڪري کان وڌيڪ هيو هڪ تخميني مطابق سگريٽ ٽيڪس مارڪيٽ جو شيئر 56 سيڪڙو حصو آهي، جيڪو پنج سال اڳ 26 سيڪڙو هيو موجوده حالتن ۾ جيڪڏهن غيرقانوني وڪرو نه روڪيو ويو ته 2030 تائين غيرقانوني سگريٽ مارڪيٽ جو 100 سيڪڙو هوندو، چو ته ملڪ ۾ سگريٽ انڊسٽري جي مقدار جو وڏو حصو هاڻي غيرقانوني شعبي جي قبضي ۾ آهي، ان ڪري حڪومت ساليانو آمدني جي نقصان جو تقريبن 300 ارب رپين جو اندازو لڳايو آهي، جيڪو جي ڊي پي جو تقريبن 0.3 سيڪڙو ٿيندو. ان کي تناظر ۾ ٽيڪس آمدني ۾ 300 ارب رپين جو امڪاني اضافو به ٿيندو جيڪو 2024_25 ۾ ايف بي آر جي ٽيڪس ڪليڪشن ۾ متوقع گهٽتائي جو 25 سيڪڙو پورو ڪري سگهي ٿو ان ڪري ڪمپنين تي وڌيڪ ٽيڪس لڳائڻ ۽ وڌندڙ غيرقانوني واپار کي گهٽائڻ جو هي طريقو ملڪ جي ٻين صنعتن ۾ به ورجايو وڃي، پوءِ اهو چانهه جي ڪمپني هجي، ڪنڊ سُڪي ڪير جي ڪمپني هجي، امپورٽيڊ گاڏيون هجن يا ٽائر هجن. بوٽ ڪپڙا يا عام استعمال جون شيون هجن، يا مشروبات وغيره هجن. پاڪستان بزنس ڪائونسل ساليانو غيرقانوني واپار جو اندازو تقريبن 68 ارب ڊالرن تائين لڳايو آهي، جيڪو سڌي طرح سرڪاري آمدني کي گهٽائي ٿو ۽ گلوگلڊ ٽيڪس ڏيندڙ ڪمپنين جي اوڳاڙي کي به گهٽائي ٿو ان ڪري ملڪ جي ٽيڪس نظام جون خرابيون اهي به آهن ته اهي رڳو ٽيڪس ڏيندڙ ڪمپنين تي واڌو ٽيڪس لڳائي هڪ امتيازي سلوڪ ٿا ڪن. ان ڪري ٽيڪس نظام ۾ بهتري آڻڻ ڪانسواءِ ملڪ آءِ ايم ايف جي قرضن کي منهن ڏئي نه سگهندو.

بقايا ------------ 01

سڄاڳ ٻار سنگت پاران سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف غلام فريد ڪلهوڙو محمد حسين اعواڻ صدام ڪلهوڙو نديم ڪلهوڙو ڪامران نول فريد سولنگي سرمد سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سڄاڳ ٻار سنگت ۽ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ملڪيت آهي جنهن تي ڪنهن جو به حق نه آهي زبردستي ڪينال ڪڍي سنڌو درياهه تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اهو سنڌي قوم ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏيندي هنن چيو ته سنڌو درياءَ جي خاطر سنڌ جو ٻچو ٻچو اٿندو ۽ سنڌ دشمن ماڻهن جا آهي ناپاڪ اراده ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا سنڌو درياءَ سنڌي قوم جو جياپو آهي اهو قبضائڻ نه ڏينداسين فورن ڪينال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ان موقعي تي سڄاڳ ٻار سنگت جي اڳواڻن سنڌ ۽ سنڌو درياهه تي ترنم ۾ قومي گيت ڳايا ۽ ڪينالن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا ------------ 02

پارٽي خبر موجب پيپلزليبر بيورو ضلع سکر جي سينئر ڊپٽي سيڪريٽري زاهد لاشاري پاران پيپلزليبر بيورو سکر ڊويزن ضلع ۽ سٽي جي دوستن لاءِ هڪ شاندار افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو هن افطار پارٽي ۾ پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي نائب صدر سيد قطب علي شاهه، پيپلزليبر بيورو ڊويزن جي صدر اڪبر سارنگ چانڊيو ضلع سکر جي علي مران شيخ تاج خاڪي زبير احمد پيو ، جمال نوناري، ، عاشق ڪوراڻي سٽي جي صدر لالا سيف الرحمان خان، شفيق احمد ڪلوڙ جنرل سيڪريٽري آغا بشير ترين، ۽ پيپلز ليبر بيورو سکر سٽي جي عهديدارن علي بخش رڊ لعل بخش چاچڙ ايوب بلوچ حبيب الله پنهور، علي حسن منگي، مجيب شيخ ماجد علي ڪوسو علي حسن مهتم ۽ پيپلز ليبر بيورو گهوٽڪي جو رضوان پتو خيرپور جو غلام نبي لاشاري ۽ سکر سٽي جا ميڊيا ڪوآرڊينيٽر امداد علي ڪلوڙ پڻ شرڪت ڪئي سيد قطب علي شاهه ۽ اڪبر سارنگ چانڊيو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته رمضان رحمتن ۽ برڪتن جو مهينو آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻندن کي مغفرت عطا فرمائي ٿو هن رمضان ۾ انسانيت، قرباني ۽ صبر جو اهم سبق آهي، ۽ ان مهيني ۾ ضرورت مند ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان محبت سان پيش اچڻ جو وقت آهي. زاهد لاشاري افطار پارٽي ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني دوستن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو اهڙيون افطار پارٽيون عوام ۾ محبت ۽ اتحاد جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ اهم آهن. جيڪي ماڻهن کي هڪبئي جي خوشين ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون.

بقايا ------------ 03

المسلمين برانچ شيخ محلا جي طرفان مرشد سچڻ سائين جي سالگره ملهائي وئي جيئن ت جمعرات بعد نماز عشاء تي جامع مسجد صديقيه طاهريه شيخ محلا ۾ خليفه سائين قاري عبيدالله پنهور ظاهري جي اڳواڻي ۾ صدر واجد شيخ ظاهري ۽ ڊاڪٽر عدنان بشير شيخ ظاهري جن حضور قبلا عالم دين محبوب سچڻ سائين جن جي سالگره جو 10 پائونڊ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي سائين حافظ عبدالقيوم پنهور طاهري جن حضور قبلاعالم محبوب سچڻ سائين جن جي شان ۾ منقبت پيش ڪئي حضور قبلا عالم محبوب سچڻ جن ولادت با سعادت جي خوشي ۾ آيل سموري جماعت کي ڪيڪ کارايو ويو ۽ جوس پيئاريو ويو ان موقعي تي جماعت اصلاح المسلمين ۽ روحاني طلبه جماعت جا سڀئي عهديدار منير شيخ طاهري جاويد شيخ طاهري محمد علي شيخ طاهري عبدالجبار شيخ طاهري شڪيل شيخ طاهري جواد شيخ طاهري آصف شيخ طاهري ۽ مرڪزي عهديدار فهيم اختر شيخ طاهري پڻ شرڪت ڪئي ۽ آخر ۾ دعاء خير گهري وئي

بقايا ------------ 04

، روح راڙو ڪهرام مچي ويو پنهي ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ تيز. تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد اعواڻ پاڙي ۾ مخالف ڌر جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا انڌاڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ ڳڀرو نوجوان چيف مقدم منير خان ڪوسو جو پٽ رفيق احمد قتل ۽ پائيتو عمران علي زخمي، جوابدار موقعي تي فرار ٿي ويا فائرنگ سبب شهرين ۾ ڀاڄ پئجي وئي، خوف هراس پکڙجي ويو واقعي جو اطلاع حد جي پوليس کي ڏنو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو مڙهه ۽ زخمي کي ڪڻائي اسپتال پهچايو ويو جتي زخمي کي طبي امداد ڏئي حالت ڳنڀير هجڻ جي ڪري سکر منتقل ڪيو ويو. فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو پوليس موجب ٻه مهينا اڳ ڪارنهن تڪرار تان جهيڙو هلندڙ هو ڪوسا برادري جي ڊر اڳواڻي ڪري گولا برادري جي مٿان فائرنگ ڪئي هئي، گولا برادري جي ڊر پنهنجو بچاءُ ڪرڻ جي لاءِ جوابي فائرنگ ڪئي، جوابي فائرنگ ۾ ڪوسا برادري جا ٻه ماڻهو قتل ۽ ٻه زخمي ٿيا، گولا برادري جي ڊر جو هڪ ڇٽو مارجي ويو هو، اڄ گولا برادري جي ڊر جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا هڪ چيف مقدم منير خان ڪوسو جي پٽ ۽ پائيتي کي گولين جو ڪاج بڻايو، جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ پوليس سرچ آپريشن ڪري رهي آهي جلد قاتلن کي ڪٺهڙي ۾ آڻي انصاف ڪيو ويندو.

بقايا ------------ 05

يس ايچ او نصيرآباد نعيم اختر ابڙو ٻڌايو ته اسان معمول موجب نصيرآباد ڳاجي کهاوڙ روڊ تي گشت تي هئاسين ته مسافر جي قبر وٽ ڦورو ڦرجي آرادي سان بيٺل هئا، جن سان مقابلو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ به ڦورو مرادي واسي واجد مسڻ ۽ رحمون ڪوسو واسي نظر ڪوسو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتا آهن جن جي قبضي مان پستول ۽ ڦر ٿيل موٽر سائيڪل هٿ آئي آهي، گرفتار ٿيل ڦورن کي پوليس جي پهري ۾ طبي امداد لاءِ رورل هيلٿ سينٽر نصيرآباد آندو ويو جتان ڪين لاڙڪاڻي تراما سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ------------ 06

علائقن مان ڦر ۽ چوري ڪيل 3 موٽرسائيڪلون هٿ ڪري اصل مالڪن حوالي ڪيون ويون ترجمان ايس ايس پي سکر موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس جو ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي ايس ايچ او پنوعاقل ٿاڻو جي ڪامياب ڪارروائي ڪندي موٽرسائيڪل اسنيچنگ چوري ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، گرفتار جوابدار غلام مرتضي جتوئي ۽ جونگ جتوئي کان دوران جاچ نشاندهي تي انهن جي قبضي مان 03 چوري ۽ ڦر ڪيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون.چوري ٿيل موٽرسائيڪل شهر جي مختلف علائقن مان چوري ۽ ڦر ڪيا ويون هيون برآمد ٿيل موٽرسائيڪل جي تصديق بعد اصل مالڪن جي حوالي ڪئي وئي مالڪن جي موٽرسائيڪل واپسي تي ايس ايس پي سکر اظهر خان جو شڪر ادا ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو جڏهن ته ايس ايس پي سکر اظهر خان جي حڪم تي ايس ايچ او اي سيڪشن سکر جي حدن ۾ ڪامياب ڪارروائي سنڌ حڪومت کان ملندڙ امدادي رقم ڏيارڻ جي لالچ ڏئي معصوم شهرين کان رشوت وٺڻ دوران 02 نوسربازن کي موقعي تي سڳ سوڌو گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 12 عدد سڃاڻپ ڪارڊ ۽ 13000 نقد رقم هٿ ڪئي وئي. گرفتار جوابدارن ۾ محمد حنيف لاشاري ۽ منير احمد گهنيو شامل آهن. جوابدار پاڻ کي بينڪ جا ايجنٽ سڏائيندا هئا ۽ معصوم شهرين کي امدادي رقم ڏيارڻ جي لالچ ڏئي انهن کان 10 کان 15 هزار جي رقم وصول ڪندا هئا. گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا ------------ 07

نيشنل ٽريڊ يونين ۽ هوم بيسڊ وومين ورڪر فيڊريشن جي سڏ تي اولڊ ڪئمپس کان پريس ڪلب حيدرآباد تائين هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ هاري يونين، چوڙي ورڪر يونين جي مرد عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن لال بخش سئيو جميلا خان، سڀاڳي ڀيل، فاطمه لغاري ۽ ٻين چيو ته جيڪڏهن سنڌو درياءَ مان زبردستي ڪئنال ڪڍيا ويا ته ان جا نتيجا خراب نڪرندا. هڪ طرف سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين بنجر ٿي ويندي ٻئي طرف سنڌ جا ماهيگير فاقا ڪشي ڪٽڻ تي مجبور ٿي ويندا. سنڌو درياءَ ۾ هن وقت به پاڻي جي کوٽ برقرار آهي. سنڌو درياءَ اسان جو ساهه آهي، اسان جو جياپو آهي، اسان سنڌو درياءَ تي پنهنجا سر ڏئي سگهون ٿا پر ڪينال ناهڻ نه ڏينداسين. انهي کان علاوه گرين پاڪستان فارمنگ ڪارپوريشن منصوبي جي نالي تي زمينن جي والار کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نٿا ڪريون. سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ واري منصوبي کي فوري طور تي رد ڪيو وڃي. سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ جي زراعت، ماحول ۽ معيشت تي سخت اثر پوندو. جيڪو سنڌ واسين لاءِ معاشي قتل برابر آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پاڻي جي کوٽ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين بنجر ٿي رهي آهي، جڏهن ته مالوند ماڻهن لاءِ به پاڻي جو سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌو درياءَ مان غيرقانوني ڪئنالن جو منصوبو فوري طور تي بند ڪيو وڃي ۽ ارسا ايڪٽ تي مڪمل عمل ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ جي زراعت ۽ معيشت کي بچائي سگهجي. احتجاجي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن سنڌو درياءَ جي حق ۾ ۽ غيرقانوني ڪئنالن جي خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ۽ حڪومت کي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا ------------ 08

ٻار تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي سنڌوءَ درياهه مان نڪرندڙ 6 ڪئنالن، ارسا ايڪٽ ترميم ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي قبضي خلاف شهر جي رائل چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سڄاڳ ٻار تحريڪ جي ٻارڙن ۽ ٻارڙين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي "سنڌ جي ٿيندي ريگستان ڪيئن هي هلندو پاڪستان"؟ "درياهه خاطر جهيڙو آ" جهڙا اپ ڏاريندڙ نعرا هنيا. ان موقعي تي مظاهري کي خطاب ڪندي سڄاڳ ٻار تحريڪ ضلعي لاڙڪاڻي جي اڳواڻ اريبا ڪلهوڙو، شهزادي ڪلهوڙو، ڪامريڊ ڪنول، ڪامريڊ اطهر جواد، سميا ڪلهوڙو، منصور وکو، تبسم وکو جنيد، نيلم ڪلهوڙو ۽ ٻين چيو ته اسين 22 مارچ پاڻيءَ جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان احتجاج ڪندي پوري دنيا کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته 7 ڪروڙ سنڌين جي اعتراض باوجود به وفاق غيرقانوني طور تي سنڌوءَ درياهه مان ڪئنال ڪڍي رهيو آهي جيڪو هڪ بين الاقوامي ڏوهه آهي ۽ ان ۾ پيپلز پارٽي اقتدار خاطر سنڌ جي سوداگر بڻجي چڪي آهي جنهن سمورا وسيلا تين وال ڪري ڇڏيا آهن ۽ هڪ طرف پيپلزپارٽي جا ايم پي اين اي ايز مسلسل سنڌي عوام سان ڪوڙ ڳالهائي گمراهه ڪري رهيا آهن ته ڪئنال کو نه پيا ٺهن ته وري ٻي پاسي جمهوريت جا ٻڪيا اديڙيندي عوام کي احتجاجن ڪجهه ڳالهائڻ تي پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته صدر زرداري ارسا ايڪٽ ۾ ترميم آرڊيننس تي صحيح نه پر سنڌ جي ڪروڙين انسانن جي موت جي پرواني تي صحيح ڪئي آهي. هنن چيو ته ارسا سنڌ کي 1991ع جي ٺاهه کان 60 سيڪڙو پاڻي گهٽ ڏنو آهي، جڏهن سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي کوٽ آهي ته پوءِ پنجاب کي اضافي پاڻي کڻڻ لاءِ چولستان ڪئنال جو سرٽيفڪيٽ ڪيئن جاري ڪيو ويو؟ ارسا جا ميمبر انگ اکرن جي هيراڦيري ڪري ملڪ خلاف سازش ڪري رهيا آهن. ارسا جي ميمبرن جي هيراڦيري ملڪ ۾ گهرو ويڙهه پيدا ڪرڻ جي سازش آهي. جعلي انگ اکرن جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ ارسا جي ميمبرن خلاف آئين جي آرٽيڪل 6 تحت ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌ کي سنڌ جي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي. هنن چيو ته سنڌ ۾ هن وقت به پاڻي جو اٿلپ آهي. ڊيلٽا ۾ پاڻي نه ڇڏڻ ڪري سڄاول، ٺٽي ۽ بدين جون لکين ايڪڙ زمينون سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌوءَ درياهه مان نڪرندڙ 6 ڪئنالن واري منصوبي کي هميشه ختم ڪري ارسا ايڪٽ ترميم ۾ ترميم ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي قبضو ختم ڪيو وڃي.

بقايا ------------ 09

منگي، عاشق نوناري، صوفي غفار چنا ۽ ٻين جي شاهه لطيف پبلڪ پارڪ ۾ گڏجاڻي ٿي گڏري جنهن ۾ هيٺيان فيصلا ڪيا ويا. 1_ رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ بجلي جي شديد لوڊشيڊنگ جي مذمت ڪئي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته سومر تي ايس ڊي او واپڊا ۽ گرڊ انچارج سان ملاقات ڪئي ويندي. 2_ شهر جي مختلف محلن ۾ واٽر سپلاءِ جي پاڻي نه پهچڻ جي شڪايت چيئرمين سان ڪئي ويندي. 3_ شاهه لطيف پبلڪ پارڪ جو رهيل ڪم مڪمل ڪرايو وڃي. 4_ عيد کان پوءِ سنڌو درياهه مان نڪرندڙ 6 ڪينالن خلاف شاندار ريلي ڪڍي ويندي. 5_ عيد بعد جنرل ڪائونسل جو اجلاس سڏايو ويندو جنهن ۾ سال 2025 لاءِ نون عهديدارن جي چونڊ ڪئي ويندي.

بقايا ------------ 10

جج حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ۾ ٿي عدالت ڏوهه ثابت ٿيڻ تي هڪ جوابدار گلزار مماڻي پنهور کي 25 سال قيد ۽ 5 لک ڏنڊ جو فيصلو ٻڌايو. عدالتي فيصلي بعد جوابدار کي پوليس سخت پهري هيٺ جڊيشنل لاڪ اپ مان ڊسٽرڪٽ جيل منتقل ڪيو. ساڳئي ڪيس ۾ نامزد ٽن جوابدارن حسين، اصغر ۽ خميسو پنهور کي عدالت ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي بري ڪري ڇڏيو. ياد رهي ته اڍائي سال اڳ جوابدار پاران فائرنگ ڪري صاحب پنهور کي قتل ۽ سندن وڏي ڀاءُ عبدالجبار پنهور کي زخمي ڪيو هو. پوليس موجب ڌرين ۾ سڳاوتي تڪرار هلندڙ هو جنهن تان واقعو پيش آيو هو.

بقايا ------------ 11

سياسي سماجي علمي ادبي شخصيت قوم پرست سنڌيت سان پيار ڪندڙ انقلابي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ صاحبڏني پناڻ جي چوٿون 4 ورسي انتهائي سادگي سان عوامي ورڪرز پارٽي سانگهڙ طرفان ملهائي وئي. سندس آخري آرامگاهه تي قبر مٿان گلن نڇاور ڪري ڪيڪ قومي سلامي ۽ دعا گهرئي وئي. ان بعد باقرموري تي ورسي جي تقريب ٿي جنهن ۾ عوامي ورڪرز پارٽي ضلعي سانگهڙ جو جنرل سيڪريٽري قاضي عليناز نظاماڻي. پرنسپل ڊگري ڪاليج غلام حيدر شاهه، لياقت علي پنهور، مشتاق نظاماڻي اظهر پناڻ عبدالحيٰ سومرو، صحافي اسلم آزاد خاصخيلي، واجد باگراڻي دانش پناڻ نظر مهيسر، سميت سياسي سماجي دوستن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪامريڊ جي سياسي ۽ سماجي ڪردار تي ويچار ونڊيا ويا: اڳواڻن چيو ته ڪامريڊ صاحبڏني پناڻ سموري زندگي مارڪسي فلسفي تي گذاري ڪتابن سان تمام گهڻو عشق هيس هر وقت ڪتاب ۽ ريڊيو گڏ هوندو هيس سماج کي بدلائڻ لاءِ اسٽيڊي سرڪل ۽ نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪندو رهندو هو سياسي ميدان ۾ بهادري سان للڪار ڪري سياست ڪئي ڪڏهن به ڪٿي ڪوڻ وڪاميون آخري گهڙي تائين ليفٽ جي سياست سان جڙيل رهيو ڪٿي به ڪونه جهڪيون سنڌس خال سنڌ سميت پارٽي ۾ اڄ به محسوس ٿئي ٿو اسان سنڌس فلسفي کي جاري رکنداسين ۽ سندس نظريو ڪڏهن به ختم ناهي ٿيڻو آخر ۾ قومي گيت تي پڻ سلامي ڏني وئي.

بقايا ------------ 12

ٿي پراڻن ورڪرن کي نظر انداز ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته پراڻا ورڪر ڪم ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين هوشيار هئا چو ته اهي ٽي چار سال ڪان ڪم ڪري رهيا هئا. انهن کي ڪمبتي سڏائڻ جي بدران شٽ ڊائون ۾ ڪم جي پراگريس کي زيرو ڪرڻ ۽ پنهنجون ڏهاڙيون وڌائڻ لاءِ غير تجربيڪار ماڻهن کي ڀرتيءَ ڪري ڪم شروع ڪيو ويو ذريعن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پنجاب سان تعلق رکندڙ ميڪينيڪل مينيجر سهيل عام طور تي پراڻن ۽ تجربو رکندڙ لوڪل ورڪرن کي ترجيح ڏيندو هو پر ڏهرڪي ۽ ڀرپاسي جي لوڪل ميڪينيڪل مينيجر ۽ مينٽيننس مينيجر سميت ٻين پنهنجن من پسنديد ورڪرن کي سڏائي ڀرتيءَ ڪرايو ورڪرن جو چوڻ هو ته ميڪينيڪل مينيجر ۽ مينٽيننس مينيجر اهڙو ڊرامو ڪرڻ چاهيندا هئا ته ڪال نه ڪرائيندا. انهن پلانٽ سي او عمران ۽ پلانٽ ڊائريڪٽر نظير احمد جمالي کان مطالبو ڪيو آهي ته پراڻن ورڪرن کي ڀرتيءَ ڪيو وڃي، بي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا ------------ 13

موقعي تي ۽ سنڌو درياهه تي نوان ڪئنال ناهڻ خلاف سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جامشورو پاران المنظر وٽ سنڌو درياهه جي ڪناري تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ۽ سنڌو درياهه کي گلن جي پيتا پيش ڪئي وئي، سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جامشورو جي اڳواڻن فهيم نوناري، ولي ڏاهري، محمد ايوب جوٽيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ماحولياتي ماهر ناصر پنهور، سافٽ ويئر انجنيئر ۽ ايپ ڊولپر علي حسن ملاح، وڪيل اڳواڻ غلام نبي چانڊيو عبدالخالق مگسي، ايس يو پي اڳواڻ سرور برفت، سردار احمد چنا، حاڪم چانڊيو، ڪريم بخش بلوچ ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي احتجاجي ريلي دوران سنڌ درياهه تي ڪينالن جي تعمير، ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف نعريبازي ڪئي، جنهن دوران ڪوٽڙي بئراج پل تان سنڌو درياهه ۾ گلاب جا گل نڇاور ڪري سنڌو درياهه کي پيتا پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي ويهڪ پڻ ٿي جنهن کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته وفاقي حڪومت پاران سنڌو درياهه مان زبردستي ڪئنال ڪڍيا پيا وڃن جنهن ۾ پ پ حڪومت به ان جي ڀاڱي ڀائيوار آهي جيڪڏهن سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍيا ويا ته ان جا نتيجا خراب نڪرندا. سنڌ هن وقت به پاڻي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي سڄي سنڌ ۾ سارين جيهزارين ايڪڙ زمينون سوڪڙي جو شڪار آهن.

بقايا ------------ 14

عليه السلام جي شهادت واري ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي خصوصي بيان ۾ چيو آهي ته 21 رمضان المبارڪ اسلام جي تاريخ جو عظيم ۽ المناڪ ڏينهن آهي، جڏهن ته باب العلم، فتح خيبر ۽ خليفي حضرت علي جن چيو ته اوهان جي زندگي علم ۽ انصاف جو بهترين مثال آهي سيدنا علي اسان کي اهو درس ڏئي ٿو ته مشڪلاتن ۽ آزمائشون ان جي باوجود حق ۽ انصاف جي راهه تي قائم رهڻ ئي اصل ڪاميابي آهي جيڪا توهان خلافت جي دور ۾ قائم ڪئي هئي هو دنيا جي آخر تائين حڪمرانن ۽ امت لاءِ نمونو آهي. اڄ امت مسلم کي حضرت علي عليه السلام جي زندگي مان سبق حاصل ڪري باهمي اتحاد، اخلاص ۽ انصاف جي اصولن کي اپنائڻو پوندو. راڻا غلام نبي وڌيڪ چيو ته سيدنا علي عليه السلام جو طرز زندگي نوجوانن لاءِ بهترين رهنمائي آهي. اسان کي انهن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ گهرجي، علم ۽ حڪمت کي ترقي ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ پرامن، انصاف ۽ مستحڪم سماج جي قيام لاءِ اسلامي اصولن مطابق زندگي گذارڻ گهرجي.

بقايا ------------ 15

علي گوهر مهر پاران پ پ سرڪار کان شهر جي ايريگيشن ڪالوني جي هڪ ايڪڙ پلاٽ تي شهيد بينظير ڀٽو پارڪ منظور ڪرايو هو جنهن تي ان وقت ڪل ٻه ڪروڙ رپيا خرچ ٿيڻا هئا. منير احمد مهر جو دور ختم ٿيڻ بعد ايم اين اي مير خالد لنڊ ۽ سندس پٽ مير نور محمد لنڊ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ ڏهرڪي جي تعمير جي ڪم جو نمو پاڻ کنيو ۽ پارڪ جو تعميراتي ڪم پورو ٿيڻ ڪان اڳ افتتاح ڪري ڇڏيو اهڙي افتتاح بعد شهيد بينظير ڀٽو پارڪ جو ڪم مڪمل طور بند ڪيو ويو ۽ پارڪ جي سار سنڀار ڏهرڪي ٽائون کي ڏيڻ بدران ڪيس نڌڻڪي حالت ۾ ڇڏي ڪامورا ۽ چونڊيا نمائنده اگهور ننڊ سمهي پئي رهيا. هن وقت پارڪ جي ميدان ۾ پوکيل ڇهر وقت سر پاڻي نه ملڻ ۽ سار سنڀار نه ٿيڻ ڪري سڙي ختم ٿي وئي آهي. نتيجي ۾ پارڪ جي ميدان ۾ ڌوڙ اڏامي پئي. پارڪ ۾ تفريح لاءِ ايندڙ تعمير ٿيندڙ ڪينٽين جو ڪم اڌورو رهيل آهي. ڪينٽين جي ڪمرن جي ڇت ۽ دريون دروازا به پئجي سگهيا آهن نه وري ڪينٽين ديوارن کي پليسٽر ٿي سگهيو آهي. پارڪ ۾ بنيادي سهولتن بجلي ۽ پاڻي جي نيڪال جي اٿاٽ آهي. جڏهن ته ٻارڙن جي تفريح لاءِ لڳايل جهولا به نامعلوم چور پٽي ويا آهن. هن وقت جهولن جي جاءِ تي خالي لوهي پائپ بيٺل آهن. شهرين جي واڪ لاءِ ٺهرايل ٽف ٽائل ٽريڪ جون سرون پڻ ڪٽي ويا آهن. نتيجي ۾ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ هن وقت ڏينهن جو سنسان رهي ٿو ۽ رات جي وقت وري روشني جو انتظام نه هئڻ ڪري پنواڙيئن ٽوڏيڪ ڏئي پيو ان ڏس ۾ ڏهرڪي جي مختلف سياسي سماجي تنظيمن سان جڙيل نمائندن ۽ ساجاهه وندن عبدالغفار ڀٽو محمد سليم، گلشير ملڪ ۽ ٻين چيو آهي ته گذريل اٺ سالن ۾ شهيد ڀٽو پارڪ تي اٽڪل 8 ڪروڙ رپين کان مٿي خرچ ٿي چڪو آهي. هن پارڪ جو سردار علي گوهر مهر ۽ مير خالد لنڊ ٻه دفعا جدا جدا افتتاح ڪري چڪا آهن جڏهن مختلف وقتن جي ڊپٽي ڪمشنرز ڪيترائي ڀيرا وزٽ ڪري شهيد بينظير پبلڪ پارڪ کي هر صورت مڪمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي پر ان باوجود پارڪ جو ڪم مڪمل نه سگهيو آهي. ڏهرڪي ٽائون انتظاميه پارڪ جو ڪم پورو نه ٿيڻ ڪري سنڌس مالڪيءَ جو ذمو نه کنيو ان ڪري پارڪ نڌڻڪو ٿيڻ ڪري شهر واسين کي لاڀ ڏيڻ کان اڳ ئي ٿوري وقت ۾ تباهه ٿي ڪندرات جا ڏيک ڏئي رهيو آهي. شهري اڳواڻن وڌيڪ چيو ته 8 ڪروڙن ۾ چند سو فوٽ واڪنگ ٽريڪ، پارڪ جي چار ديواري، اڌوري ڪينٽين، چار جهولا ۽ ميدان تي ڇهر جو ڪم ٿيو آهي. خبر ناهي ته ايتري رقم ڪيئن لڳي؟ هنن چيو ته سڄي شهيد بينظير پبلڪ پارڪ جي تباهي جي ذميواري هتان جي ايم اين اي، ايم پي اي ۽ نااهل ڪامورن جي آهي جيڪي ريڪارڊ ۾ پارڪ تي ڪروڙين رپيا لاڳت ڏيکاري پيسو هڙپ ڪري ويا آهن.

بقايا ------------ 16

ميمبر ILOخادم حسين ڪوسو چيو آهي ته هڪ صديءَ کانپوءِ سکر بئراج جو ڪم باقائدگي سان ٿي رهيو آهي _CRBC HBSZ_JVچائنا ڪمپني جي ماهر انجنيئرز جي نگراني هيٺ دروازا لڳائڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي انشاء جلدي 16 گيٽس جو ڪم مڪمل ٿي ويندو چائنا جي انٽرنيشنل ڪمپني _CRBC_HBSZ JVدروازن جي تبديلي وارو ڪم عالمي معيار مطابق ڪري پئي جنهن سان سکر بئراج جي عمر وڌي ويندي ۽ سنڌ جي زراعت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکندڙ سکر بئراج مان پاڻي فراهمي وارو سلسلو جاري رهندو اهڙو اظهار هن سکر بئراج جي دروازن جي تبديلي واري ڪم جو جائزو وٺڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو سماجي ۽ پورهيت اڳواڻ خادم حسين ڪوسو جو وڌيڪ چوڻ هو ته سکر بئراج جو ڪم ڪندڙ ڪمپني بهترين قابليت سان ڪم ڪري رهي آهي ڪمپني جو GMمسٽروي پنهنجي نگراني ۾ هر ڪم جو پاڻ جائزو وٺي رهيو آهي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ انجنيئر مهارت سان ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن ته ڪمپني جو REريزيڊنس انجنيئر نظير احمد لاشاريءَ ماهر انجنيئر فرحت الله شيخ ۽ ڪنسلٽنٽس به ڪم جي نگراني ڪري رهيا آهن سکر بئراج جي دروازن جي تبديلي جو تيزي سان هلندڙ ڪم مان اندازو لڳائي سگهجيٿو ته مقرر ڪيل وقت جون 2025 ۾ 18 ئي دروازن جو ڪم مڪمل ٿي ويندو

بقايا ------------ 17

جيڪو انساني حقن جي تحفظ بڻائڻ، جيلن ۾ قيد بي گناهه اسيرن کي قانوني مدد فراهم ڪرڻ، مختلف مذهبن ۽ فرقن جي وچ ۾ هم آهنگي ۽ رواداري پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندو سماجي اڳواڻ صابر چانڊيو چيو ته ملڪ ۾ انساني حقن جي حاصلات مشڪل بڻائي وئي آهي ۽ غريب ماڻهو انصاف لاءِ دربدر هجي ٿو اهڙي صورتحال ۾ هھڙي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن ڪميشن پاران ذميواري سونپڻ هڪ وڏو چئلينج آهي جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس ۽ انسانيت جي خدمت اولين فرض سمجهان ٿو جنهن کي ترجيح بنياد حل ڪرائڻ جي ڪوشان هوندس.

بقايا ------------ 18

وئي. تقريب ۾ صحافي، سماجي اڳواڻ ۽ سياسي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ زاهد رحيم، سليم جي ميمڻ، سابق ڪائونسلر جميل ميمڻ، سابق وائيس چيئرمين اختر خاصخيلي، جام ڪوثر، صدهير خاصخيلي، راج نارائڻ سميت ويسٽ پريس ڪلب جي نائب صدر آدم سريلو خزانچي موسا چنا، جوائنٽ سيڪريٽري نجيب احمد، يار محمد رند، محمد حنيف شيراڻي، ايڊووڪيٽ ابوبڪر ميمڻ شرڪت ڪئي مهمانن کي آرگنائيزر جواد احمد باريجو طرفان اجرڪ پارائي مان ڏنو ويو ان موقعي تي سليم جي ميمڻ ۽ زاهد رحيم خطاب ڪندي چيو ته رمضان المبارڪ ۾ اهڙين محبت پرين گڏجاڻين جو ڪو به نعم البدل نه آهي. جواد احمد باريجو جي سماجي ۽ فلاحي خدمتون ڪنهن کان لڪل نه آهن، هو بنا ڪنهن مفاد جي غريب ماڻهن جي مدد ڪري انهن جو آواز بڻجي رهيو آهي.

بقايا ------------ 19

مرڪزي جلوس سيد ڪاظم علي شاهه بخاري زوار لياقت دايو جي اڳواڻي ۾ امام بارگاهه وڏي علم تان بر آمد ٿيو جنهن ۾ مختلف تنظيمن جي سوين عزادارن شرڪت ڪئي سينا زني جو ماتم ڪندي حضرت علي عليه السلام جو تابوت ۽ علم پاڪ ذوالجناع سميت جلوس روايتي روٽن ۽ رستن کان ٿيندو پارنهن امام بارگا پنجهٽي بازار پهتو جتي سينا زني جو ماتم ڪيو ويو جنهن کانپوءِ امام بارگاهه ڪربلا مولا تي اختتام پذير ٿيو ان موقعي تي هنگورجا پوليس پاران جلوس جي روٽن ۽ رستن تي پوليس جا اهلڪار مقرر ڪري سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا هئا

بقايا ------------ 20

۾ مجلس عزا ۽ افطار جو انتظام ڪيو ويو. ان موقعي تي علامه خادم حسين الحسيني خطاب ڪندي حضرت امام علي عليه السلام جي فضائل ۽ مصائب تي روشني وڌي ۽ چيو ته مولا جي شهادت سان ڪوفه جي مسجد جون ديوارون لڏي ويون آسمان ڪاري چادر ڍڪي ڇڏي ۽ زمين تڙپي ڏک جو اظهار ڪندي چيو افسوس! اڄ مولا عليءَ مٿان تلوار هلائي وئي، اڄ ابن ملجم ملعون جي زهريلي تلوار عدالت کي خون ۾ تر ڪري ڇڏيو انصاف جي پيشانيءَ کي چيري ڇڏيو يتيم جي سرن تان سايو کسي ڇڏيو محراب ڪوفي جيڪو مولا عليءَ جي سجدن جو شاهد هو، اڄ رتورت ٿي پيو ۽ حضرت جبرئيل عليه السلام جو آواز گونجيو افسوس اهو علي جيڪو بکين کي کارائيندو هو پاڻ زهرجي تلوار سان شهيد ٿي ويو اهو علي جيڪو يتيمن جو پيءُ هو اڄ ان جا ٻار دروازي تي اچي چون پيا ته اسان جو بابا ڪٿي آهي؟

بقايا ------------ 21

۽ سياسي سائي سيد طارق علي شاهه پاران 1987 کان وٺي سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ جي ناپاڪ ارادن خلاف هر پليٽ فارم تي ڪينالن خلاف جرئتمندانه جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو هن پنهنجي وڏي ڀاءِ سنڌ اسيمبلي ميمبر نوابزاده مير نادر خان مگسي کي مڪمل حمايت جو يقين ڏياريو ۽ سنڌس ڊگهي عمر لاءِ دعا ڪئي. هن چيو ته هو سنڌو درياءَ مان نڪتل ڪنهن به ڪينال کي قبول نه ڪنداسين جنهن تي نادر خان مگسي واضح موقف اختيار ڪيو آهي. پاڻي سنڌ جي زندگي آهي، جنهن جي هو هر قيمت تي حفاظت ڪنداسين. سيد طارق علي شاهه همت افزائي لاءِ مگسي خاندان جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته اسان سڀني کي سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ مگسي خاندان جي سياسي ۽ سماجي خدمتن ۽ جرئتمندانه موقف تي فخر آهي. جڏهن به ڏکيو وقت آيو اسان مگسي خاندان کي جدوجهد جي ميدان ۾ ڏٺو آهي

بقايا ------------ 22

سب ڊويزن ٿري جي محمد عمر پناڻ (ايس ڊي او) بندر روڊ ۽ سب ڊويزن ٿري جي چيئرمين عبد المالڪ سومرو، فرحان ماڪو، عبدالمنان شامل هئا، جڏهن ته ايس ڊي او محمد عمر پناڻ چيو ته پوليس ۽ رينجرز سان گڏجي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. اهي ڪارروايون انهن بل نا ڏيندڙن خلاف آهن، جيڪي ڪافي عرصي کان بل جي ادائيگي نٿا ڪن. جڏهن ته لڪيل ريڪوري به ڪئي وئي آهي ۽ جيڪي ماڻهو ادائيگي نٿا ڪن، انهن خلاف ايف آءِ آر پڻ داخل ڪرايون پيون وڃن. اسان عوام کي اپيل ڪريون ٿا ته پنهنجي بل جي ادائيگي يقيني بڻائين. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا تڪليف هجي ته اسان سان رابطو ڪن. چو ته هي قدم ملڪ جي بهتري لاءِ کنيو ويو آهي. ان قدم ۾ اسان جو ساٿ ڏيو ته جيئن ملڪ ۽ پنهنجي شهر جي ترقي کي يقيني بڻائي سگهون.

بقايا ------------ 23

ڪونسل سجاول پاران سٽي صدر حافظ سليمان راجا جي صدارت ۾ گذريل ڏينهن 21 رمضان المبارڪ فاتح خيبر باباءِ حسنين ڪريم رضه شير خدا اميرالمؤمنين سيدنا حضرت علي المرتضيٰ رضه جي يوم شهادت جي موقعي تي جامع مسجد خالد بن وليد کان ساليانو مدح صحابہ جلوس ڪڍيو ويو. جلوس ۾ حافظ رياض احمد ميمڻ، حافظ اسماعيل الحداد، عبدالجبار عاجز، عبدالڪريم هٽيار، فيروز احمد، حنيف ساحل، حافظ علي سرهيو، آصف ميمڻ ۽ ٻين سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي. جلوس شهر جي مختلف چوڪ چوراين کان ٿيندو رحمت العالمين چوڪ تي پهتو جتي جلوس کي مولانا هدايت الله سومرو، عاشق علي راهمون حضرت علي المرتضي جي شان ۾ خطاب ڪندي چيو ته حضرت علي سائين اسان جي ايمان جو حصو آهن اسان حضرت علي سائين جا سچا حبدار ۽ وفادار آهيون جهڙي نموني اسان کي ٻئي ڪنهن صحابي جي گستاخي برداشت ڪونهي اهڙي نموني اسان کي مولا علي سائين جي به گستاخي برداشت ڪونهي. هنن چيو ته اسان جو مطالبو آهي ته 21 رمضان المبارڪ حضرت علي سائين رضه جي شهادت تي موڪل ڪري اهو ڏينهن سرڪاري سطح تي ملهايو وڃي. جلوس کي عرفان هاشمي ۽ ننڍڙي نعت خوان عمر فاروق ڪٿي حضرت علي المرتضي جي شان ۾ پرجوش انداز ۾ قصيده پڙهيا. جلوس جي آخر ۾ سني رابطا ڪونسل پاران سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ خلاف پڻ احتجاج ڪيو ويو.

بقايا ------------ 24

محلا المدينه ڪالوني ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن جي قيادت جنرل سيڪريٽري سني تحريڪ ڊويزن حيدرآباد حافظ طالب حسين جلباڻي ڪئي جڏهن ته صدارت حافظ خادم حسين جلباڻي طرفان ڪئي وئي، خصوصي خطاب حضرت علاما ضامن علي طاهري، سيد ڪاظم علي شاهه ۽ نعت خوان فقيرعبدالعزيز جلباڻي محفل ۾ قرآن پاڪ جا فضائل بيان ڪيا ويا. ان موقعي تي مولا ڪائنات امام علي رضه جي شان سيرت شهادت بيان ڪئي وئي محفل ۾ سني تحريڪ جا نميوار محمد منور فراش، حافظ طارق حسين، حاجي احسان بوزدار ،مولانا عبدالرحمان طاهري، مولانا رستم حسيني، شفيع محمد لاکو سميت ٻين عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا ------------ 25

۽ عزاداري جاري آهي. جامع مسجد امام زمانه ۽ انجمن جعفريه مرڪزي امام بارگاهه سيد پير شاهه ۾ ذاڪرين مجلس عزا کي خطاب ڪندي حضرت علي عليه سلام جي فضيلت ۾ علم ناڪ شهادت تي روشني وجهي. نوحه خوان طرفان مولا علي عليه سلام جي شهادت تي نوحه پڙهي ڪيس پيتا پيش ڪئي وئي. مختلف ڳوٺن مان مومنن جا قافلا مجلس ۾ شرڪت لاءِ پهتا. مرڪزي ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن کان ٿيندي واپس مرڪزي امام بارگاهه سيد پير شاهه وٽ اختتام ٿيندو جنهن بعد ننگر نياز تقسيم ڪيو ويندو. ٻئي طرف پوليس انتظاميه طرفان جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ انتظام سخت ڪيا ويا. ۽ ميڊيڪل ٽيمون پڻ پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيون آهن.

بقايا ------------ 26

تڪرلڳڻ جي نتيجي ۾ 6 مزدور خميسو جوٽيجو حنيف جوٽيجو خالد جوٽيجو رحيم جوٽيجو خميسو جوٽيجو شاهن پنڊ ياسين جوٽيجو سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي حنيف جوٽيجو جي حالت سيريس هجڻ ڪري ڪيس نواب شاهه نيو ويو.

بقايا ------------ 27

۾ سولر پينل ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب پيپلز پارٽي جي سينيٽر قرت العين مري پاران بجلي جي سهولت کان محروم بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ گهراڻن سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ مردن ۾ سولر هوم ڪٽس ورهايون.

بقايا ------------ 28

بارگاهه المعصومين تان زنوار شڪيل ميمڻ . امتياز ميمڻ. شهناز گجر. ابراهيم ميمڻ قاسم جوٽيجو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ماتمي جلوس بر آمد ڪيو ويو جيڪو پنهنجي روايتي روٽ کان ٿيندو واپس امام بارگاهه المصومين اصغريه تي نهر ٿي ويو. جلوس ۾ شامل عزادارن سينا زني زنجير زني ۽ نوحا خواني ڪري حضرت عليه سلام کي پيتا پيش ڪئي وئي جڏهن ته زخمي ٿيندڙ عزادارن کي صحت کاتي پاران فوري طور فسٽ ايڊ ڏني وئي جلوس واپس امام بارگاهه المصومين ته نهر ٿيڻ بعد مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس عزا کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته حضرت عليه سلام جي زندگي اسان لاءِ راهه مشعل آهي اسان سڀني کي مولا علي عليه سلام جي زندگي مان سکڻ گهرجي. اهليبيت عليه سلام جون اسلام جي لاءِ لازوال قربانيون آهن اڄ اگر اسلام زنده آهي ته حضرعلي عليه سلام جي گهراڻي جي ڪري آهي ٻي پاسي جلوس جي ايندڙ ويندڙ روٽ تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا.

بقايا ------------ 29

موبائل فونيون قومي شاهراهه همايون شريف ٿاڻي جي حد بکراڻي لاڙي وٽ ڦر ڪري گاڏي ڪاهي ويا،15 کان مٿي هٿيار بندن ايندڙ ويندڙ مسافرن کي يرغمال بڻائي لٽ مار ڪئي،ايس ايچ او همايون عزيزالله ڪٽو ايس ايچ او سلطان ڪوٽ حدبندي تڪرار جاڻائي فٽ پٽي سان روڊ جي ماپ لاءِ سپاڻي جو انتظام مختيارڪار کان ڪرائيندا عوام ڏوهارين جي رحم تي ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ ضلعي جي امن امان کان لاتعلق بڻيل همايون سلطان ڪوٽ پوليس جون ڊي ايس پي قمردين مزاري سميت چارج ڏوهارين حوالي ياد رهي ته همايون سلطان ڪوٽ ڏوهارين جو ڳڙهه بڻجي ويو پوليس مڪمل ناڪام بڻيل

بقايا ------------ 30

فاريسٽ ڪالوني پرسان رهندڙ باگڙي برادري جي ناري چاندني پراسرار نموني گم ٿي وئي، وارثن پاران ڏڙي ٿاڻي تي 3 جوابدارن خلاف مبينا اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو ويو. باگڙي برادري پاران مبينا اغوا ٿيل ناري جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پڄاري پل چوڪ تي ٽائرن کي باهه ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو باگڙي برادري ڪجھ عورتن ۽ مردن پاران پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيڻ جي ڪوشش. 2 ڄڻا بيهوش. ڌرڻي سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، اطلاع تي ڊي ايس پي ميرپوربٺورو پيرالهرڪيو شاهه ۽ ڏڙو پوليس جي ايس ايچ او ميرمحمد گاڏهي پوليس اٽالن کي ساڻ ڪري احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪيون. پر مظاهرين طرفان روڊ خالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ان موقعي تي وارثن پاران ناري جي بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو. جڏهن ته باگڙي برادري جي ناري چاندني بابت معلوم ٿيو آهي ته ناري ڏڙي واسي نوجوان علي بخش سولنگي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جو نڪاح نامو پڻ هٿ آيو هو ڏانهن آخري اطلاع تائين ناري جي وارثن پاران داخل ڪرايل مبينا اغوا ڪيس ۾ اڃا تائين ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا ------------ 31

انعام سنڌي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته افسوس آهي ته سنڌ جا سمورا وسيلا آهستي آهستي سنڌ جي ماڻهن کان کسيا پيا وڃن باقي پاڻي بچيو آهي انهيءَ کي به سنڌ جي ماڻهن کان کسي ڪري سنڌ جي ماڻهن کي جيئري مارڻ جي سازش ٿي رهي آهي، هن چيو ته پنجاب کير ٿيندو آهي جو اسان جو پاڻي ڪٽي پراهي ڳجها هٿ جيڪي دخل اندازي ڪن ٿا ۽ انهن جو هميشه کان منصوبو رهيو آهي ته سنڌ کي ڪيئن تباهه ڪجي، هن وقت سنڌ جا ماڻهو ڇڙوڇڙ نموني پنهنجو آواز ته اٿارين پيا پر اسان جو آواز سگهارو تڏهن ٿيندو جڏهن اسان سڀ هڪ پليٽ فارم تي هونداسين. انعام سنڌي وڌيڪ چيو ته ٿيڻ ته ائين گهرجي ته درياءَ تي ڏاڙي واري ون پوائنٽ ايجنڊا تي سنڌ دوست پارٽيون گڏ هجن پر جي ائين نٿو ٿئي ته گهٽ ۾ گهٽ قومپرست پارٽيون جن ڌرتي تان پنهنجو سر گهوري ڏيڻ جو وچن ڪيو آهي ته انهن کي ته هڪ ٿيڻ گهرجي، اسان هي سگهاري جدوجهد تڏهن بڻبي جڏهن اسان هڪ پليٽ فارم تان هڪ آواز هونداسين. اسان سنڌ سپيتا سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽنگ نالي ڏنل زمين جي سخت مخالفت ڪري ٿي پاڻي اسان جو جياپو آهي.

بقايا ------------ 32

ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ معذور پورهيت عبدالقادر بگٽي ڏانهيندي چيو 2022 دوران طوفاني برساتن سبب منهنجي جڳهه ڊهي پٽ پئجي وئي جنهن کان پوءِ سرسو جي ٽيم گهر سروي جي سلسلي ۾ اچي ڊٺل جڳهه جون تصويرون ڪڍي تفصيل وٺي روانو ٿي وئي. هن الزام لڳائيندي چيو ته لاڙڪاڻي جو سرسو انچارج مون کي بينڪ ۾ اڪائونٽ کولرائڻ باوجود هن وقت تائين آفيس جا چڪر ڪٽائي رهيو آهي پر گهر سروي امدادي رقم جاري نٿي ڪئي وڃي جنهن ڪري مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيو آهيان. هن وس وارن اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽيس وٺي گهر سروي جي امدادي رقم جاري ڪري ڏني وڃي جيئن گهر پاتين جي لاءِ نئون گهر ٺهرائي سگهان.

بقايا ------------ 33

ليڪچرارن ظهور احمد تنيو آصف رضا. حسنين رياض. قادر بخش محمد عالم ڪنڊ. اعجاز ڪانڊرو احسان سوڊر ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اسٽاف سميت گڏجي ڪري وڻ پوکيا ۽ پرنسپال اختر علي ڪلهوڙو چيو ته وڻن جي پوکائي ڌرتيءَ جي سونهن ۽ موسمن جا محافظ آهن، ساهه کڻڻ لاءِ آڪسيجن جي ضرورت پوندي آهي، اها آڪسيجن اسان کي وڻ ڏيندا آهن،هن چيو ته ڌرتي تي جيڪڏهن وڻ نه هجن ته اسان جو جيئڻ نه صرف مشڪل بلڪه نا ممڪن ٿي وڃي هان وڌيڪ پرنسپال اختر علي ڪلهوڙو چيو ته سرسبز سنڌ جي لاءِ تمام سنڌ واسين کي اپيل آهي ته وڻ پنهنجي سنڌ کي سرسبز ڪرڻ لاءِ لڳايو اچڻ وارين نسلن لاءِ ۽ ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ گهٽي کان گهٽا وڻ پوکيو

لا تعلقي جو اظهار

جيئنءَ تہ اسانجو ننڍو ڀاءُ سرفراز عرف سرور گاڏهي ولد علي حسن گاڏهي رهندڙ هالاڻي خليفہ محلا جيڪو اسانجي چوڻ آکڻ ۾ ناهي ۽ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ڪري سماجي برايون ڪري رهيو آهي جنهن ڪان اسان تنگ ٿي ڪري ڪيس ڪي لادعوا ۽ ڪيس سان هر قسم جي تعلق ڪي ختم ڪري رهيا آهيون اسان هن اطلاع ذريعي هر عام وخاص ڪي ۽ خاص طور تي پوليس سڱوري ڪي اهو عرض رکون ٿا تہ اسان شريف شهري آهيون اسانڪي ڪير بہ سرور جي حرڪتن ڪري تنگ ۽ پريشان نہ ڪري هن سان جيڪو بہ ماڻهون ڪنهن بہ قسم جي جيڪا بہ ڏيتي ليتي ڪندو ان جو ذميوار اهي ماڻهون پاڻ هوندا اهڙو بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي تہ جيئنءَ وقت سر ڪم اچي سگهي

المشتهر: سڪندر علي گاڏهي منور علي گاڏهي فرمان علي گاڏهي ٽائون ڪاميٽي هالاڻي تعلقہ محرابپور ضلع نوشهرو فيروز

بقايا 01

ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين انيشيٽيو پروگرام جهڙين رٿاين خلاف احتجاج جي سڏ جي سلسلي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي صدر ضياءُ ڀٽي نبن ساڪاڻي حڪيم زنڪيجي ستار زنڪيجي جاڳرتا فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام رسول گهمري ڊاڪٽر ذبيح جتوئي سنڌ ترقي پسند پارٽي سکر ڊويزن جي صدر محمد علي شيخ ۽ ٻين اڳواڻن مظاهرين کي خطاب ڪندي چيو تہ موجوده سنڌ سرڪار ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڳالهائيندي ڊراما پيي ڪري ۔ سنڌو مان ڪينال ڪڍڻ يا ڪارپوريٽ فارمنگ جي رٿاين جي منظوري پ پ ڪو چيئرمين ۽ صدر پاڪستان ڏني آهي پر عوام جي مسلسل مزاحمت کي ڏسندي اُن لاءِ احتجاج ڪرڻ جا سڪا اعلان ڪيا آهن. هنن چيو تہ سنڌو دريا مٿان ڊيم ناهڻ ان مٿان بند ٻڌڻ يا ان مان ڪينال ڪڍڻ غير آئيني ۽ غير قانوني عمل آهي. جيسيتائين سنڌو دريا جي اصل وارثن جي اجازت نہ هجي پر ملڪ جا ڪرتا ڌرتا مختلف نالن سان پنهنجن مفادن خاطر ڪروڙ يي ماڻهن ڪان انهن جو جياپو کسڻ چاهين ٿا پر سنڌ جو عوام سجاڳ آهي. اهو ڪين اين ڪرڻ نہ ڏيندو. هنن تہ سنڌو درياءَ جي ڊيلٽا ۽ زرعي ايراضي خلاف سمورا منصوبا سرڪار نامدار فورن ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري نہ تہ پوءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو ۽ هر شعبي سان تعلق رکندڙ نوجوان پڪا پوڙها انهن رٿاين خلاف اڃان زوردار تحريڪ شروع ڪندا جيين موجوده وقت ۾ سموري سنڌ جا پورهيت ۽ هاري ناري سنڌوءَ جي عظيم تهذيب جي بقا خاطر روڊن تي نڪتل آهن هنن چيو تہ پنجاب سنڌ جي حصي مان صدين ڪان پاڻي چوري ڪري رهيو آهي مختلف قسم جا ڊيم ناهي ۽ بند ٻڌي يا لنڪ ڪينال ڪڍي سنڌو جو ساه سڪايندو رهيو ٿو. هاڻي وري مختلف قسم جون موتمار اسڪيمون جوڙي سموري سنڌ بنجر ڪرڻ پويان آهي ۔ هنن وڌيڪ چيو تہ اهڙي رٿاين تان هٽ نہ ڪيو ويو تہ ملڪ جي وفاق کي خطرو پيدا ٿي پوندو ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ پنجاب ۽ وفاق خلاف جاري نفرت ۾ اڃان شدت اچي ويندي. اهي سمريون رٿايون ملڪ توڙڻ لاءِ جوڙيون پيون وڃن. سنڌي ماڻهو هرگز ملڪ جا غدار ناهن انهن پاڪستان ناهڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪيو هو. مظاهري ۾ دانشورن سياسي ورڪرن اديبن وڪيلن صحافين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي. مظاهرين جي هٿن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊز ڪينل هيا جن تي ڪارپوريٽ فارمنگ 6 ڪينال ڪڍڻ ۽ گرين انيشيٽيو رٿاين خلاف نعرا درج هيا ۔ مظاهرين گرميءَ ۾ ٻن ڪلاڪن تايين اپ ڏاريندڙ نعري بازي پڻ ڪيي.

بقايا 02

المرتضيٰ رضہ الله تعاليٰ عنہ جي موقعي تي مدح صحابہ جلوس ڪڍيو ويو. جلوس جي شرڪاءَ بعد ۾ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهري ۾ شامل ٿيا. جتي سني رابطا ڪائونسل جي اڳواڻن پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. مظاهري جي اڳواڻي سني رابطا ڪائونسل سکر جي ضلعي امير سيد رشيد احمد شاهہ بخاري، جنرل سيڪريٽري مفتي فياض احمد هاليجوي، قاري عبدالرحيم ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. اڳواڻن مظاهري کي خطاب ڪندي چيو 21 رمضان المبارڪ جي مقدس ڏينهن کي سرڪاري سطح تي يومِ شهادتِ علي المرتضيٰ طور ملهائي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي. انهن چيو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضہ الله عنہ جي عظمت ۽ شان سيني تي واضح آهي. پر افسوس جو ڪجهہ عناصر حضرت علي المرتضيٰ جي نالي جي آڙ ۾ ٻين صحابہ ڪرامن، خاص طور تي خلفاءِ راشدين، حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني رضہ الله عنهم جي توهين ڪندا آهن. جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي. 21 رمضان المبارڪ کي حضرت علي المرتضيٰ رضہ الله عنہ جي شهادت جي ڏينهن طور سرڪاري سطح تي ملهائي، عام موڪل ڏني وڃي. خلفاءِ راشدين جي ڏينهن کي بہ سرڪاري سطح تي ملهائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ڪين سرڪاري پروٽوڪول ڏنو وڃي. حضرت علي المرتضيٰ جي نالي جي آڙ ۾ ٻين صحابہ ڪرامن جي بي حرمتي جو سلسلو فوري طور ختم ڪيو وڃي. صحابہ ڪرامن سان عقيدت ۽ احترام لاءِ سرڪاري سطح تي پروگرام منعقد ڪيا وڃن. مظاهري ۾ شامل ماڻهن پُرامن انداز ۾ پنهنجا جذبا ظاهر ڪندي حڪومت وقت ڪان مطالبو ڪيو تہ اُمتِ مسلمہ جي اتحاد ۽ صحابہ ڪرامن جي تقدس لاءِ فوري طور تي قدم کنيا وڃن.

بقايا 03

سموري سنڌ ۾ سنڌو دريا مان 6 ڪينال ڪڍڻ ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين انيشيٽيو پروگرام جهڙين رٿاين خلاف احتجاج جي سڏ جي سلسلي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي انجمن ترقي پسند مصنفين پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر بدر اڄڻ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر خادم منگي سکر جي سيڪريٽري سردار پيرزادي ضياءُ ڀٽي ڊاڪٽر غلام رسول گهمري فيض سومري ڊاڪٽر ادل سومري اياز گل ممتاز بخاري سينيئر صحافي ۽ اديب مجيد نواز مغل سنڌ ترقي پسند پارٽي سکر ڊويزن جي صدر محمد علي شيخ ۽ ٻين اڳواڻن مظاهرين کي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌو دريا مٿان ڊيم ناهڻ ان مٿان بند ٻڌڻ يا ان مان ڪينال ڪڍڻ غير آئيني ۽ غير قانوني عمل آهي. جيسيتائين سنڌو درياءَ جي اصل وارثن جي اجازت نہ هجي پر ملڪ جا ڪرتا ڌرتا مختلف نالن سان پنهنجن مفادن خاطر ڪروڙ يي ماڻهن ڪان انهن جو جياپو کسڻ چاهين ٿا پر سنڌ جو عوام سجاڳ آهي. اهو ڪين اين ڪرڻ نہ ڏيندو. هنن چيو تہ سنڌ جا باغيرت قلمڪار شاعر اديب ۽ دانشور پنهنجي وطن ۽ عوام جي بقا خاطر عملي ميدان ۾ نڪتل آهن هنن تہ سنڌو دريا جي ڊيلٽا ۽ زرعي ايراضي خلاف سمورا منصوبا سرڪار نامدار فورن ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري نہ تہ پوءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو ۽ هر شعبي سان تعلق رکندڙ نوجوان پڪا پوڙها انهن رٿاين خلاف اڃان زوردار تحريڪ شروع ڪندا جيين موجوده وقت ۾ سموري سنڌ جا پورهيت ۽ هاري ناري سنڌوءَ جي عظيم تهذيب جي بقا خاطر روڊن تي نڪتل آهن هنن چيو تہ پنجاب سنڌ جي حصي مان صدين ڪان پاڻي چوري ڪري رهيو آهي مختلف قسم جا ڊيم ناهي ۽ بند ٻڌي يا لنڪ ڪينال ڪڍي سنڌو جو ساه سڪايندو رهيو ٿو ۔ هاڻي وري مختلف قسم جون موتمار اسڪيمون جوڙي سموري سنڌ بنجر ڪرڻ پويان آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ اهڙي رٿاين تان هٽ نہ ڪيو ويو تہ ملڪ جي وفاق کي خطرو پيدا ٿي پوندو ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ پنجاب ۽ وفاق خلاف جاري نفرت ۾ اڃان شدت اچي ويندي. اهي سمريون رٿايون ملڪ توڙڻ لاءِ جوڙيون پيون وڃن. سنڌي ماڻهو هرگز ملڪ جا غدار ناهن انهن پاڪستان ناهڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪيو هو پر ملڪ ٺهڻ بعد سنڌ جي ماڻهن ڪان سندن جياپو کسيو پيو وڃي ۔ جنهن جي خلاف احتجاجي تحريڪ زور وٺي وئي آهي ۔ سنڌ کي پاڻيءَ بڪ لاءِ مجبور ۽ محروم ڪرڻ جا سانباه ٿين پيا ۔ مظاهري ۾ دانشورن سياسي ورڪرن اديبن وڪيلن صحافين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي. مظاهرين جي هٿن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊز ڪينل هيا جن تي ڪارپوريٽ فارمنگ 6 ڪينال ڪڍڻ ۽ گرين انيشيٽيو رٿاين خلاف نعرا درج هيا . مظاهرين گرميءَ ۾ ٻن ڪلاڪن تايين اپ ڏاريندڙ نعري بازي پڻ ڪيي.

بقايا 04

مرڪز فيضان مدينہ مسجد ۾ 10 ڏينهن جي (سنت اعتڪاف) ۾ 300 کان وڌيڪ عاشقان رسول صلي الله عليہ وسلم، پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ويهي رهيا. جتي دعوت اسلامي جا امير حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري، دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوري جا نگران حاجي محمد عمران عطاري ۽ ٻيا مبلغن نيڪيءَ جي دعوت جا فضائل، اسلامي تعليمات سان ڪيئن بهتر زندگي بٽائي سگهجي ٿي، قرآن پاڪ جي صحيح تلفظ، درست پڙهڻ، پنج وقت سان گڏ صلوات اوابين، صلوات تسبيح، تهجد، اشراق، چاشت ۽ ٻيا نوافل پڙهڻ جي ترغيب ڏيئي رهيا آهن. رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي سنت اعتڪاف ۾ تاڪ راتيون اڄ ٿيون جنهن ۾ پڻ خوب ذوق شوق سان عبادت ڪئي ويندي، ٻئي طرف دعوت اسلامي جي ذمہ داران مدني مرڪز فيضان مدينہ مسجد ۾ اعتڪاف وارن عاشقان رسول لاءِ 10 ڏينهن سحري افطاري جا مڪمل انتظام ڪيا ويا آهن ۽ ديني تعليم سيکاري رهيا آهن، خوشي ۽ مسرت جي اها ڳالهہ آهي تہ دعوت اسلامي جي مرڪز فيضان مدينہ ۾ سنت اعتڪاف ڪندڙن ۾ اڪثريت نوجوان پڙهيل لکيل جي آهي.

بقايا 05

ڏانهينڊي چيو تہ گهر تعمير لاءِ مائڪرو فنانس بينڪ نواب شاهہ وارن مون کان فنگر ورتا ۽ 8 ڏينهن بعد اچڻ جو چيو. مان 8 ڏينهن بعد بينڪ ويس تہ مون کي بينڪ وارن چيو تہ توهان پيسا ڪيرائي ويا آهيو هن چيو تہ مون پيسا ناهن ڪيرايا. جنهن ڏينهن بينڪ وارا چون ٿا تو پيسا ڪيرايا آهن ان ڏينهن مان سيوهڻ اسپتال هوس منهنجي گهرواري بيمار هئي. مان اتي هوس. هنن چيو تہ غريب مسڪين پورهيت ماڻهو آهيان منهنجا پيسا بينڪ وارا ڪيرائي ويا آهن. هن چيو تہ منهنجي گهرواري کي بہ بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام جا پيسا بہ ڪونہ ٿا ملن. هن صدر آصف زرداري. بلاول ڀٽو زرداري محسن زرداري .علي حسن زرداري گهرو وزير ضياءُ لحسن لنجار، ٽائون چيئرمين جام چنگيز خان انڙ .سردار جام تماچي انڙ سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ بينڪ وارن کان قسط جا پيسا وٺرائي ڏنا وڃن ۽ گهرواري کي بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام قسط جا پيسا ڏيارايا وڃن.

بقايا 06

ڪندي چيو تہ اڳوڻي سالو الله وسايو هڪڙو ڀاءُ عزيز هڪڙو جي پيڻ مون کان عدالت ٿورو طلاق ڏني هئي طلاق ڏيڻ کان پوءِ مان ٻي شادي ڪريان ٿو مونکي اڳوڻو سالو الله وسايو ڀاءُ عزيز هڪڙو ۽ سوٽ خيرل ٻي شادي ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ مٿ مائٽ ڪان مختلف نامعلوم نمبرن تان قتل ڪرڻ جون ڌمڪي ڏين پيا مان ايس ايس پي شڪارپور، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو، آءِ سنڌ ۽ اعلي اختيارن ۽ وس وارن کي اپيل ٿو ڪريا تہ منهنجي احتجاج جو نوٽس وٺي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي جيڪڏهن مونکي ڪجهہ بہ ٿيو تہ ان جا ذميوار ٿئي سالو الله وسايو ڀاءُ عزيز هڪڙو ۽ سوٽ خيرل هڪڙو هوندا

بقايا 07

پورهيت تنظيمن جي مزدورن ۽ مهر برادري جي سوين ماڻهن پلانٽ جي مک گيٽ آڏو تنبو لڳائي احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري دوران مزدورن پاران انتظاميہ خلاف چٽي نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مزدور اڳواڻن لڪمير مهرعبدالحق ڪتيان عبدالرحيم مهررضا محمد مهر يونين ڪائونسل لوٽي جي چيئرمين فقير عطا حسين مهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهيندي چيو تہ پورهيت با غ علي ۽ علي احمد مهر گذريل 17 سالن کان فائونڊيشن پاور پلانٽ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن پر انتظاميہ انهن کي بنا جواز جبرن طور نوڪرين تان برطرف ڪري ڇڏيو آهي جنهن بعد انتظاميہ جي ناانصافين خلاف برطرف ٿيل پورهيت گذريل 6 ڏينهن کان پنهنجي معصوم ٻارن ۽ عورتن سان گڏجي پلانٽ جي گيٽ آڏو پر امن احتجاج ڪري رهيا آهن پر انتظاميہ ڪيس نوڪرين تي بحال ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي جيڪا انتظاميہ جي پورهيتن سان زيادتي انهن چيو تہ هڪ سازش تحت انتظاميہ مقامي ماڻهن کي نوڪرين تان برطرف ڪندي پنجاب مان پنهنجا ماڻهو گهرائي انهن کي ڀرتي ڪري رهي آهي انهن چيو تہ اڄ اسان ضلعي گهوٽڪي جي صنعتي ادرن ۾ ڪم ڪندڙ مختلف پورهيت تنظيمن جا پورهيت انهن جي احتجاج ۾ شامل ٿي اسان پڻ پرامن نموني احتجاج ڪري رهيا آهيون انهن ڊي سي گهوٽڪي ۽ اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو تہ هو پلانٽ انتظاميہ جي زيادتين جو نوٽس وٺي برطرف ڪيل پورهيتن کي نوڪرين تي بحال ڪيو وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن انتظاميہ برطرف ڪيل پورهيتن کي بحال نہ ڪيو تہ احتجاج طور عيد کان پوءِ پلانٽ جا مک گيٽ بند ڪيا ويندا

بقايا 08

ذوالفقار علي ڀٽو جي 46 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي. ورسي جي حوالي سان سيڻي آفيسر پنهنجون پنهنجون ذميواريون خوش اسلوبي سان ادا ڪن تہ جيئن ورسي خير خوبي سان گذري وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڊپٽي ڪمشنر آفيس لاڙڪاڻو جي دربار هال ۾ ڪمشنر لاڙڪاڻو طاهر حسين سانگي سان گڏ هڪ اعليٰ سطحي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ ملڪ کي آئين ڏيندڙ اڳوڻي وزيراعظم پاڪستان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 46 ورسي ملهائڻ جي سلسلي ۾ جيڪي بہ انتظام آهن اهي وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن تہ جيئن ورسي دوران ڪنهن بہ قسم جي ڪا پريشاني نہ ٿئي. هن چيو تہ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان عوام ورسي ۾ شرڪت ڪري پنهنجي شهيد قائد کي خراج تحسين پيش ڪندا. هن چيو تہ ورسي جي حوالي سان جوڳا بندوبست ڪيا وڃن تہ جيئن ايندڙ عوام کي پيئڻ جي صاف ۽ ٿڌي پاڻي جي فراهمي، گاڏين جي لاءِ پارڪنگ ۽ واش رومز، صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جا بهتر انتظام ڪيا وڃن. جڏهن تہ روڊن جي هلندڙ ڪمن کي جلد از جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ سائن بورڊ پڻ لڳايا وڃن. جڏهن تہ روٽ ميپ پڻ شايع ڪرايو وڃي تہ جيئن ورسي ۾ شرڪت ڪندڙ ماڻهن کي ڪا بہ پريشاني نہ ٿئي. اجلاس ۾ ڳالهائيندي وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خاص حاجي خير محمد شيخ چيو تہ ورسي دوران وايسي جي وقت ٽريفڪ جو تمام گهڻو مسئلو ٿئي ٿو ان لاءِ ٽريفڪ جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي تہ جيئن ٻاهران ڪان آيل مهمانن کي واپسي دوران ڪا بہ پريشاني نہ ٿئي. جڏهن تہ سڪيورٽي جي انتظامن کي پڻ يقيني بڻايو وڃي. گڏجاڻي ۾ ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊويزن طاهر حسين سانگي پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي تہ واڪ ٿرو گيٽ لڳايا وڃن ۽ فل پروف سڪيورٽي جا انتظام ڪيا وڃن تہ جيئن ڪو بہ ناخوشگوار واقعو پيش نہ اچي. هن چيو تہ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ورسيءَ ۾ شرڪت ڪندڙ ماڻهن لاءِ ضلعي ۾ صفائي ۽ لائيٽنگ، ڳڙهي خدابخش ڀٽو ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستن تي روشني کان علاوه سائن بورڊ لڳايا وڃن تہ جيئن ورسيءَ ۾ ايندڙ ماڻهن کي ڪنهن بہ قسم جي ڪا تڪليف محسوس نہ ٿئي. گڏجاڻي ۾ روڊس کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ لاڙڪاڻي ضلعي اندر مختلف روڊن تي هلندڙ ترقياتي ڪمن کي فوري طور تي مڪمل ڪيو وڃي. بلڊنگ کاتي جي عملدارن کي چيو ويو تہ هو واش رومز وغيره، جڏهن تہ پبلڪ هيلٿ کاتي جي عملدارن کي پيئڻ جي صاف پاڻي جون ذميواريون ڏنيون ويون آهن ۽ چيو تہ عملدار سونپيل ذميوارين خوش اسلوبي سان نڀائن. جڏهن تہ صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ هو ورسيءَ جي موقعي تي پنهنجن ضلعن ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ڏانهن ايندڙ روڊن تي ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪن. جڏهن تہ اسپتالن، بيسڪ هيلٿ يونٽ ۽ ڊسپينسرين کي 24 ڪلاڪ کليو رکيو وڃي، جتي ماهر ڊاڪٽرن سان گڏ ٻيو عملو توڙي دوائون پڻ رکيون وڃن. هن سيپڪو عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي تہ ورسيءَ جي موقعي تي بجلي جي لوڊشيڊنگ نہ ڪئي وڃي ۽ اسٽينڊ باءِ جنريٽرجي موجودگي کي پڻ يقيني بڻايو وڃي. گڏجاڻي کي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو آگاهي ڏيندي چيو تہ مزار جي اندر پيئڻ جي صاف ۽ ٿڌي پاڻي جو بندوست ڪيو ويندو جڏهن تہ پارڪنگ، واش رومز ۽ صفائي سٿرائي کي پڻ يقيني بڻايو ويندو جنهن لاءِ مختلف کاتن جي عملدارن کي پنهنجيون پنهنجيون ذميواريون سونپيون ويون آهن. جڏهن تہ ايس ايس پي لاڙڪاڻو پڻ اجلاس کي ڪيل انتظامن بابت بريفنگ ڏيندي يقين ڏيارايو تہ سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ جا فول پروف بندوبست ڪيا ويندا. چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري ڳالهائيندي چيو تہ ورسي جي دوران لکن جي تعداد ۾ عوام شرڪت ڪندو آهي جنهن لاءِ گرمي جي موسم پڻ اچي رهي آهي ان لاءِ پيئڻ جي صاف ۽ ٿڌي پاڻي جا جوڳا بندوبست ڪيا وڃن. ۽ ٽريفڪ جي نظام کي پڻ بهتر بڻايو وڃي تہ جيئن ٻاهران ڪان ايندڙ مهمان کي ورسي ۾ شرڪت دوران ڪا بہ پريشاني نہ ٿئي. جڏهن تہ پارڪنگ جا پڻ جوڳا انتظام ڪيا وڃن ۽ ڪوشش ڪئي ويندي تہ پارڪنگ کي اڃا بہ وڌايو وڃي جنهن لاءِ مان پڻ وزٽ ڪندس. ان موقعي تي ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو ڳالهائيندي چيو تہ سمورا انتظام ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، پي پي ايڇ آئي، پرنسپال سي ايم سي ۽ ريسڪيو 1122 سان پڻ گڏجاڻي ڪئي وئي آهي. گڏجاڻي ۾ ميئر ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي لهر، ٽائون ڪاميٽيز جي چيئرمينن، مختلف کاتن جي آفيسرن ۽ واسطيدار عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 09

سنڌو کي بچائڻ لاءِ سر قربان ڪرڻ جو وڃن. پيراٿي خبر موجب ڳيريلي ۾ سنڌو درياهہ مان غيرقانوني طور 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف ايس يو پي سنڌ سجاڳ فورم ڳيريلو پاران خالد محمود جتوئي ،بابر علي ابڙو نواب علي ابڙو اياز سنڌي، لياقت برڙو علي رضا جتوئي، بلاول سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڳيريلو رهبر چوڪ کان هڪ شاندار موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف روڊن سان ٿيندي دريا وٽ پهتي جتي ڪيترن ئي اڳواڻن، نوجوانن دريا تي گل نڇاور ڪري زبردست پيتا پيش ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ سنڌو اسان جو ساه آهي ان جو پاڻي اسان جو جياپو آهي پيپلز پارٽي جي ٻٽي پاليسي لي هر سنڌي سمجهي چڪو آهي انهئي ڪري هاڻي سنڌ جا ماڻهون حڪمرانن جي ڪنهن بہ قسم جي دوکيبازي ۾ ڪونہ ايندا. هنن چيو تہ سنڌو تي اسان جو ٻچو ٻچو قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي هنن مطالبو ڪيو تہ فوري طور ڪئنالن جو منصوبو ختم ڪري سنڌ واسين جي بي چيني ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ هي احتجاجي مظاهرا ريليون جاري رکيون وينديون

بقايا 10

پاڻي جي گهرج گهٽجڻ باوجود کوٽ ختم نہ ٿي سگهي آهي، سکر بئراج وٽ پاڻي جي کوٽ 72.56 سيڪڙو تي پهچي وئي، سنڌ ۾ مجموعي طور پاڻي کوٽ 54 سيڪڙو تي پهچي وئي آهي، جنهن سبب زرعي ۽ گهريلو سطح تي پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي رهي آهي. هن وقت سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 13860 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 6040 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. جڏهن تہ بئراج جي واهن کي پاڻي جي ضرورت 28,900 ڪيوسڪ آهي، واهن کي صرف 7020 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي. دادو ڪئنال کي 3,100 ڪيوسڪ پاڻي گهرجي، پرواهہ کي صرف 350 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي. نارا ڪئنال جي پاڻي گهرج 8,300 ڪيوسڪ آهي، پر رڳو 2700 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي. خيرپور فيڊر ايسٽ کي 1,500 ڪيوسڪ پاڻي گهرجي، پر انهي کي صرف 500 ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي. روهڙي ڪئنال کي 11,500 ڪيوسڪ پاڻي گهرجي، جڏهن تہ واهہ کي صرف 2700 ڪيوسڪ ملي رهيو آهي. ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 5305 ۽ هيٺانهون وهڪرو 200 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. پاڪستان جي ٻن وڏن پاڻي ذخيرن منگلا ۽ تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جي گهٽتائي سبب سنڌ ۾ پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي. پاڻي جي کوٽ سبب سکر بئراج جي واهن ۾ وارا بندي وارو عمل جاري آهي. جنهن ڪري هزارين ايڪڙ زرعي زمين متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. انهي حوالي سان ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن پاڻي جي کوٽ تي فوري طور تي ڪنٽرول نہ ڪيو ويو تہ ايندڙ مهينن ۾ زرعي، گهريلو سطح تي پاڻي جو وڏو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو.

بقايا 11

عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو تہ توانائي جي تحفظ، ماحولياتي استحڪام ۽ ماحولياتي قدمن جي عزم جي تجديد وقت جي ضرورت آهي، غير ضروري لائٽس بند ڪرڻ توانائي جي بچت ۽ ڪاربن خارج ٿيڻ ۾ گهٽتائي جي عزم جي علامت آهي. هن چيو تہ ٻارڻ جي وڌندڙ اگهن سان معيشت ۽ ماحول کي شديد خطرا آهن. محفوظ مستقبل لاءِ بجلي ۽ ٻارڻ جي بچت سان گڏ نئين توانائي کي هٿي ڏيڻ بہ اٽل آهي. سندس وڌيڪ چوڻ هو تہ پاڪستان ۾ پاڻي جي کوٽ هڪ سنگين مسئلو آهي، جنهن جي حل لاءِ ٺوس قدم کڻڻا پوندا. آصف زرداري پنهنجي بيان ۾ آبي ذخيرن جي تحفظ، پائيدار زرعي طريقن کي هٿي ڏيڻ، ڊرپ ايريگيشن سسٽم، برسات جو پاڻي محفوظ ڪرڻ ۽ پاڻي ضايع ٿيڻ کان روڪڻ تي زور ڏنو.

بقايا 12

ڪان ڪڍي وئي، جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي آرٿر شاهہ جي پل تي پهتي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن سسئي لوهار، فوزيا سينگار، عليزا ڪوسو، مسڪان نوناري، شهري اتحاد نصيرآباد جي صدر معشوق علي قلپوٽو قومي عوامي تحريڪ نصيرآباد جي اڳواڻ ضمير مغيري، پ پ شهيد ڀٽو جي يوسف ڀٽوجو بار ڪائونسل جي دستگير شاهاڻي عوامي ورڪرز پارٽي جي اڳواڻ سينگار نوناريءَ ۽ ٻين چيو تہ ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ، سرسبز سنڌ کي ريگستان بڻائڻ واري منصوبي تي عمل ڪرڻ ڪونہ ڏبو. سموري سنڌي قوم هن وقت زندگي ۽ موت واري ڪئنال اڏڻ سنڌ کي سڪائي بنجر بڻائڻ جي سازش کي چڱي طرح نظر ۾ رکيو ويٺي آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ کي سڪايو ويندو جيڪا سازش برداشت نہ ڪئي ويندي هنن چيو تہ تڪراري ڪئنالن وارو منصوبو بنا دير رد ڪيو وڃي نہ تہ ٻئي صورت ۾ پنجاب جا ايندڙ ويندڙ رستا بند ڪنداسين. هنن تہ هن مسئلي تي سنڌ متحد آهي، دشمن جا ناپاڪ ارادا مٽي ۾ ملايا ويندا.

بقايا 13

ٻيهر پيش ٿيڻ جو حڪم جاري، سندس مٿان هنگورجا ٿاڻي تي 3 هزار روڪ رقم ۽ موٽر سائيڪل چوري جو ڪيس داخل ٿيل. الله کان سواءِ ڪنهن جي آڏو نہ جهڪيو آهيان. نہ جهڪندس. ڪئنالن جي معاملي تي جي ڊي اي سان گڏ آهيان. سنڌ عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي، 10 جتوئي 200 پوليس وارا کان ڏاڍا ڪئين ٿيندا. زرداري مون کي جهڪائڻ خاطر 40 ڪيس ڪئي: مرتضي جتوئي جون راڻي پور ۾ ڳالهيون. رپورٽ موجب: راڻي پور جي عدالت ۾ نيشنل پيپلز پارٽي چيئرمين غلام مرتضي خان جتوئي پيش پيو. جنهن مٿان هنگورجا ٿاڻي تي روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل ڦر جو ڪيس داخل ٿيل آهي. جنهن جي ٻڌڻيءَ ۾ راڻيپور جي عدالت ۾ پيش ٿيو سندس کي ٻيهر عدالت پاران 28 مارچ تي ڪورٽ سڱوري پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. جنهن بعد مرتضي خان جتوئيءَ عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ زرداريءَ خاندان جهڪائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي آهي. پر پاڻ نہ اڳ جهڪايا آهيون ناهي وري جکهنداسين. هن چيو تہ آءِ ٻڪري چوري يا ڏي هزار موٽرسائيڪل ڪئين ڦر ڪري سگهان ٿو پر پ پ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مون مٿان چاليهن ڪيسن جو پلان جوڙيو ويو تہ پ پ ۾ اعلان ڪر پر مون کي سنڌ هاءِ ڪورٽ وڏو انصاف ڏنو هڪ سوال جي جواب ۾ پاڻ چيو تہ ناجائز ڪئنالن خلاف هر محاذ تي قوم اٿي ڪڙي ٿي آهي. هن معاملي تي جي ڊي اي پريور احتجاج ڪندي. ۽ ان جو پريور ساٿ ڏنو ويندو. ڪئنالن نهڻ سان سنڌ جو نقشو تبديل ٿي ويندو ۽ سنڌي ماڻهون فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا. پاڻي اسان جي زندگي ۽ گذر سفر جو اهم ذريعو آهي. اُن پاڻيءَ جي ئي ڪري سنڌ خوشحال ۽ سرسبز لڳي پئي آهي. اسان پاڻي جو ڪيس هر فورم تي ڪٽي ويندا سين. ان جي لاءِ هر سنڌ ماڻهون کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ نڪرڻو پوندو. ان موقعي تي وڪيلن پاران ڪيس جو آڏر پاءُ پڻ ڪيو. جنهن کان پوءِ هو واپس روانا ٿي ويا.

بقايا 14

ڇڏي، مدد جي اپيل. تفصيل موجب تنگواڻي جي حد زين شادي حال تان اغوا ٿيل پنجاب واسي انصار پنجابي جي ڏاڙيلن پاران ويڊيو وائرل ڪري ڇڏي وائرل ويڊيو ۾ مغوي ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ ۽ حد جي ايس ايڇ او شاهد خشڪ کان پنهنجي آزادي جون التجائون ۽ اپيلون ڪري رهيو آهي، مغوي چيو تہ ڌوهارين مونکي اغوا ڪري ڪٺي آيا آهن روزانو مونکي تشدد جو نشانو بڻائي رهيا آهن. جيڪا بہ هن جي ڊمانڊ آهي اها پوري ڪري منهنجي جان ڇڏايو منهنجا گهر وارا پريشان آهن.

بقايا 15

وئي، ان موقعي تي فيض ڪيريو اياز راهو خالق ماڇي، ڊاڪٽر شبير چانڊيو خير محمد سيال ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو تہ سنڌو درياهہ اسان جو جياپو آهي. پاڻي تي ڌاڙو زمينن تي والار قبضا ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي. هنن چيو تہ وفاق پنجاب جي چولستان جي لکين ايڪڙ زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو مان زبردستي ڪئنال ڪڍي سرسبز سنڌ کي بنجر بنائڻ ۽ سنڌو کي سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي جيڪڏهن زبردستي سنڌو مان ڪئنال ڪڍيا ويا تہ پنجاب ڏانهن ويندڙ سمورا روڊ رستا بند ڪري ڇڏينداسين.

بقايا 16

جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي جاري هڪ بيان ۾ پاڻي جي تحفظ ۽ پائيدار انتظام جي اهميت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ اڄ سموري دنيا ۾ پاڻي جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي ۽ هلندڙ سال پاڻي جي عالمي ڏينهن جو ٿيم گليشئر جي تحفظ تي توجهہ مرڪوز ڪري ٿو هن چيو تہ پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مان بطور ميئر ڪراچي سمورن شهرين جي لاءِ پاڻي جي برابر ورڇ کي يقيني بنائڻ جي لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيان ٿو چو تہ پاڻي زندگي آهي اهو انسان جو بنيادي حق آهي ۽ جتي پاڻي ضايع ٿي رهيو آهي ان کي بچائڻ اسان سڀني جي ذمي داري آهي. سندس چوڻ هو تہ وڌندڙ گلوبل وارمنگ ۽ متوقع سوڪهڙي ۾ پاڻي جو هر ڦڙو قيمتي آهي انهي لاءِ اڄ پاڻي جي قدر ڪريو تہ جيئن اسان جو ايندڙ وقت موسمياتي تبديلي جي اثرن ڪان محفوظ رهي، هن انهي عزم جو اظهار ڪندي چيو تہ مٺو پاڻي بچائي شهرين کي ڏينداسين ۽ سمنڊ جي پاڻي کي مٺو ڪري شهر ۾ آڻينداسين. چو تہ اسان ڄاڻيون ٿا تہ ڪراچي ۾ پاڻي جي گهرج ۽ مهيا ڪرڻ ۾ شديد فرق آهي. ميئر ڪراچي چيو تہ اسان پاڻي جي گهٽتائي ۽ سپلائي کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ سموري شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. جڏهن تہ سنڌ حڪومت ڪراچي جي بهتري ۽ ترقي جي لاءِ سرگرم عمل آهي ۽ انهي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت طرفان شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪمي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڀرپور قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو تہ پاڻي سان پيدا ٿيندڙ بيمارين کان شهرين کي بچائڻ جي لاءِ 290 ملين رپين جي لاڳت سان شهر جي مختلف علائقن ۾ 29 جديد ڪلورينيشن اسٽيشنز ٺاهي رهيا آهيون ۽ سنڌ حڪومت جي تعاون سان حب ڪئنال منصوبي تي ڏينهن رات ڪم تيزي سان جاري آهي اهو منصوبو مڪمل ٿيڻ سان 14 آگسٽ 2025 تي شهر ۾ هر روز چار ڪروڙ گيلن اضافي پاڻي اچڻ شروع ٿي ويندو. ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن ۽ اولڊ پپري مين تي پاڻي جي نئين لائينون وڇايون پيون وڃن. پراڻي لائنن مان جيڪو پاڻي ضايع ٿي رهيو هو هاڻي اهو شهرين کي ملندو، انهي کان علاوه ملير ندي تي واٽر ڪارپوريشن جي لائنن جي پروٽيڪشن جو ڪم تيزي سان جاري آهي جڏهن تہ ڪي فور منصوبي جي آگمينٽيشن تي ڪم جلد شروع ڪيو ويندو. سندس چوڻ هو تہ شهرين کان درخواست ڪريان ٿو تہ پاڻي جي وسيلن کي جديد انتظام جي تحت استعمال ڪيو وڃي تہ جيئن مستقبل ۾ پاڻي ججهي مقدار ۾ دستياب ٿي سگهي. سندس وڌيڪ چوڻ هو تہ پاڻي زندگي آهي انهي ڪري پاڻي ڪفايت شعاري سان استعمال ڪريو چو تہ اسانجو ديني معاشرتي قومي فرض ۽ وقت جي اهم ضرورت بہ آهي انهي لاءِ اچو پنهنجي لاءِ پنهنجي ايندڙ نسلن ۽ هن دنيا جي لاءِ پاڻي احتياط سان استعمال ڪريون. واضح رهي تہ پاڻي جو عالمي ڏينهن هر سال 22 مارچ تي ملهايو ويندو آهي تہ جيئن مٺي پاڻي جي وسيلن جي اهميت ۽ پائيدار انتظام جي ضرورت کي اجاگر ڪري سگهجي.

بقايا 17

جاري رکڻ جو وچن، ست ڪروڙ سنڌين کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرڻ، ڪئنال منصوبن کي رد ڪرڻ جو مطالبو سنڌو تي اڏيل سمورا ڊيم ۽ ڪئنال ختم ڪري پاڻيءَ جي قدرتي وهڪرن (واٽر هائيڊرو لاجيڪل سائيڪل) کي برقرار رکڻ جو مطالبو ڪيو ويو. گليشيئرز جي تحفظ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ ساليانو 30 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي. ان موقعي تي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينئير نائب صدر نور احمد ڪاتيار، سروان جتوئي، ايڊووڪيٽ سچل ڀٽي، اياز ڪلوئي، سرويچ سنڌي، فياض سومرو، سنڌياڻي تحريڪ ضلعي سکر جي صدر شمشاد ڀيڻ، پارس ڀٽي، حنا بلوچ، نور بانو بروهي، فضا قلبوتو ۽ ٻين اڳواڻن چيو تہ پيپلز پارٽي جي سهڪار سان مريم سرڪار چولستان ڪئنال جو ڪم تيز ڪري ڇڏيو آهي، مراد علي شاهہ کي 8 مهينا اڳ ۾ خبر هئي تہ پنجاب چولستان ڪئنال ناهي رهيو آهي پر مراد علي شاهہ ميڊيا تي ڪئنال نہ ٺهندا جا ڪوڙا بيان ڏئي پنجاب سرڪار جي سهولتڪاري ڪئي. پيپلز پارٽي ڪئنالن جي مخالفت جو ڊونگ ڪري، ڪئنالن خلاف سنڌي عوام جي جدوجهد کي سبوتاز ڪرڻ جي سازش ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽي جي احتجاج ۾ سنڌي قوم شرڪت نہ ڪندي، سنڌو درياهہ بچائڻ جي جدوجهد جي اڳواڻي پيپلز پارٽي نہ پر سنڌ جا هاري ۽ پورهيت ڪندا. پيپلز پارٽي سنڌي قوم جي جدوجهد کي ڪيش ڪرائڻ لاءِ جدوجهد تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي، سنڌي قوم پنهنجي جدوجهد وڏيرڪي طبقي جي اڳواڻي بدران پورهيت طبقي جي اڳواڻي ۾ ڪندي، سنڌ جون نياڻيون، ٻار، ٻيا، شاگرد، هاري مزدور ۽ پورهيت سنڌو درياهہ بچائڻ جي جدوجهد جي اڳواڻي ڪندا. اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ اڄ سموري دنيا پاڻيءَ جو ڏينهن ملهائي رهي آهي پر پاڪستان جا حڪمران پاڻيءَ کي گدلو ڪرڻ وارا منصوبا آڻي رهيا آهن. انڊس ڊيلٽا جو پاڻي بند ڪري تمرجي ٻيلن کي تباهہ ڪيو ويو آهي، جنهنڪري ماحولياتي تباهي آئي آهي، گليشيئرز تيزيءَ سا ڳري رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو تہ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ 30 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇوڙ ڪري، تمرجا ٻيلا بحال ڪري گليشيئرز جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 18

ڇهن تڪراري ڪئنالن خلاف پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران 2 روزا احتجاجي هڙتالي ڪئمپ قائم احتجاجي ڪيمپ ۾ شهر جي مختلف سياسي تنظيمن جي ڀرپور شرڪت رهي ۔ پورهيت مزاحمت تحريڪ جي بلاول پرڳڙي ماجد ٻگهيو اسد چانڊيو ،جميل چانڊيو ۽ اظهر پنهور ايس. يو پي طرفان ڪامريڊ غلام محمد گاڏهي ۽ نظير ٻبر يوٿ پارليامنٽ طرفان حسين آزاد لغاري، ايس. ٽي. پي طرفان جبران چانڊيو ۽ سڪندر ڪوڪر بي. اين ٽي طرفان ڪامريڊ اعجاز ٻبر قومي عوامي تحريڪ طرفان سومار چانڊيو سنڌ ادبي سنگت طرفان سائين بخت ٻرڙو اي. ڊبليو پي طرفان حشمت چانڊيو، سنڌ شاگرد سيا (ميهڙ) طرفان اعجاز چانڊيو ڳالهائيندي چيو تہ سنڌو درياهہ مٿان ڪو بہ ڪئنال قبول نہ ڪيو ويندو ،سنڌ ۾ اڳين ئي پاڻي جي قلت آهي ،ڊيلٽا جي زمين روزاني جي بنياد تي دريا ۾ مٽي پاڻي جي نہ وڃڻ جي ڪري سمنڊ ڳڙڪائي پيو جيڪو انگ 3 لک ايڪڙ تائين پهتو آهي دوستن وڌيڪ چيو تہ پيپلز پارٽي ٻٽي پاليسي اختيار ڪري پٽي هڪڙي پاسي وفاقي حڪومت جي اتحادي آهي ۽ ٻاسي سنڌ اسيمبلي مان سنڌي عوام جي پريشر سبب قرارداد پاس پئي ڪري سنڌ جو ماڻهو ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي درياهہ مٿان ڌاڙو برداشت نہ ڪندو سنڌو درياهہ سنڌين جو جياپو ۽ ساهہ جي رڳ جهڙي حيثيت رکندڙ درياهہ آهي حڪمران ترين اهڙا فيصلا ڪرڻ کان مڙي وڃن درياهہ سنڌين جو ريڊ لائين آهي.

بقايا 19

ڪان عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي اڳواڻ ڪامريڊ يونس راهو فيض ڪيريو ڪامريڊ خالد ڪيريو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مردن عورتن ٻارڙن نارين سميت مختلف سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن وڪيلن شهرين ۽ هر مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ريلي شهر جي مختلف هنڌن ڪان ٿيندي مورو پريس ڪلب پهتي ريلي ۾ شريڪ ڪارڪن عورتون ۽ ٻارڙ اپ ڏاريندڙ نعره هڻي رهيا هئا ڪينال سمورا نامنظور، سنڌو تي ڌاڙو نامنظور سنڌ جي زمينن تي قبضا نامنظور، درياءَ کي جيئڻ، سنڌي ماڻهن جي نسل ڪشي بند ڪيو ريلي ۾ موجود ننڍن ٻارن انقلابي بيت، ۽ شاعري پڙهي درياءَ کي پيتا پيش ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو رياستي حڪمران اهو ڏسڻ جي باوجود تہ سنڌي ماڻهو سراپا احتجاج بڻيل آهن پوءِ بہ پنهنجي هوڏ تي قائم آهي تہ ڪينال ٺاهينداسين پر حڪمرانن جا سنڌ خلاف ناپاڪ اراده ڪڏهن بہ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين اسان سنڌ ۽ سنڌو درياءَ جي حفاظت ڪنداسين سنڌو درياءَ جي هڪ تاريخ تهذيب آهي جتان سنڌ جي ثقافت ۽ ڪلچر پيدا ٿئي ٿو جيڪو سنڌ ۽ ڪروڙين ماڻهن جي جياپي جو ذريعو آهي اهو اسان ڪنهن کي ڦُلائڻ نہ ڏينداسين هنن چيو تہ سنڌ طاس معاهدي تحت 3 درياءَ جو پاڻي انڊيا کي ڏيڻ بعد ڊيم ۽ ڪينال ناهڻ سان سنڌو درياءَ ڊيلٽا تي تباهڪار اثر پيا آهن زمين جي گهٽتائي 1950ع کان اڳ سنڌو ڊيلٽا جو ايراضي 12,000 ڪلوميٽر هئي، پر هاڻ اها 3,000 ڪلوميٽر تائين گهٽجي وئي آهي. نمڪين (Saltwater Intrusion) سلٽ جي گهٽتائي ۽ پاڻي جي گهٽ وهڪري جي ڪري، ساموند جي اڳتي وڌڻ سان زرعي زمينون بنجر ۽ نمڪين ٿي ويون آهن ۔ مينگرو جهڙن جو خاتمو سنڌو ڊيلٽا ۾ مينگرو جهڙن جو پکيڙ 1950ع ۾ 600,000 هڪڙ هئي، پر هاڻ اها 80,000 هڪڙ تائين گهٽجي وئي آهي. اهيو ساموندي زندگي (مڇي، جهينگن) لاءِ وڏو خطرو آهي ۔ آبادي تي اثر منفي اثر پيا آهن ڊيلٽا جي پرسان رهندڙ لکين ماڻهو لڏپائي پاڻي جي قلت، زراعت جي تباهي، ۽ مڇيءَ جي صنعت جي خاتمي جي ڪري دربدر ٿيا آهن هاڻي وڌيڪ سنڌو درياءَ تي ڪينال ناهڻ سان سنڌ عوام ، ماحول جا تباهڪن اثر پيدا اسان حڪمرانن کي چتاءُ ٿا ڏيو تہ جيڪڏهن ڪينالن جو ڪم فوري طور بند نہ ڪيو ويو تہ سنڌو درياءَ کي وهڻ نہ ڏنو ويو، سنڌ جي زمينن تي قبضا ختم نہ ڪيا ويا تہ گرين پاڪستان جهڙا عوام دشمن سنڌ دشمن پروجيڪٽس ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ (SIFC) کي مڪمل طور ختم نہ ڪيو ويو تہ جيستائين هي جدوجهد جاري رهندي ۽ پوهي جدوجهد ڪو ٻيو رنگ وٺي جنهن کي حڪمرانن جي روڪڻ جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي. آخر ۾ اڳواڻن بلوچ يڪجهتي ڪميٽي تي رياست طرفان ٿيندڙ ڪريڪ ڊائون جي مذمت ڪئي، علي وزير، عبدالصمد ۽ ماهہ رنگ بلوچ جي رهائي جو مطالبو پڻ ڪيو ويو

بقايا 20

سانگهڙ ڪپرو روڊ تي لوڻ ڪاڻ لڳ ڪپڙ اسٽاپ وٽ منشيات سان ڀريل تيز رفتار ڪار ڪلٽي ٿي پئي نتيجي ۾ هڪ ڄٽو ڪوئٽيہ واسي ثناءُالله بروهي فوت ٿي ويو ۽ هڪ نوجوان فرحان بروهي زخمي ٿي پيو جنهن کي بروقت ڪپرو اسپتال نيو ويو. ڪپرو پوليس منشيات سميت ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ ٻڌايو پيو وڃي تہ پوليس کي اطلاع هو تہ زهريلي منشيات سفينا آداب گٽڪي سوپارين سان ڀريل ڪار وڃي رهي آهي تہ پوليس ڪار جو پيڇو ڪيو جنهن ڪري ڪار ڊرائيور وائڙو ٿي ويو ۽ حادثو پيش آيو

بقايا 21

جي فضيلتن بابت ڳالهائيندي چيو تہ تبارڪ و تعاليٰ جا لکين حمد ۽ شڪر جنهن اسان کي رمضان المبارڪ جهڙو مقدس ۽ ڀلارو مهينو عطا ڪيو، حضرت علي المرتضيٰ رضي عنہ فرمايو تہ جيڪڏهن تعاليٰ هن امت کي عذاب ڪرڻ چاهي ها تہ ڪڏهن بہ رمضان جو مهينو عطا نہ ڪري ها. رمضان هن امت لاءِ امن امان رحمت، مغفرت، بخشش ۽ ڀلائيءَ جو مهينو آهي. وڏا بختاور آهن اهي شخص جن جي زندگي ۾ رمضان جو مهينو نصيب ٿئي وري ان جو قدر سڃاڻي ان ۾ عبادت ۽ بندگي ڪن. بزرگن فرمايو آهي تہ جيئن حضرت يعقوب عليہ السلام کي ٻارهن پٽ هئا پر سيني ۾ حسين ۽ جميل ۽ حضرت يعقوب عليہ السلام کي پيارو حضرت يوسف عليہ السلام هو تيئن سال جي 12 مهينن مان الله کي رمضان جو مهينو پيارو آهي. جيئن يعقوب جي ٻارهن پٽن خطا ڪئي تہ يوسف عليہ السلام جي سفارش سان انهن کي معافي ملي تيئن رمضان جي سفارش ۽ شفاعت سان ٻارهن مهينن جا گناهہ ٻانهي جا الله تعاليٰ معاف ڪندو آهي.

بقايا 22

ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ڀتاخوري غنڊا گردي، ڌاڙيل راڄ ۽ پوليس جي نااهلي خلاف ڏوهارين هٿان بي گناهہ قتل ٿيل شهرين جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ۽ عوام جي تحفظ امن امان جي بحالي لاءِ چوٿين ڏينهن بہ شهري اتحاد ۽ آل پارٽيز موومينٽ جي سڏ تي سوين شهرين گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاجي ڪيمپ لڳائي روزيدار شهرين ٻن ڪلاڪن تائين احتجاجي ڪيمپ تي ويٺا رهيا امن امان جي بحالي، ڀتاخوري بند ڪيو مارا ماري بند ڪيو ٽارگيٽ ڪلنگ دهشتگردي بند ڪيو سميت مختلف نعريبازي پڻ ڪئي احتجاجي ڪيمپ جي اڳواڻي شهري اتحاد جي صدر ڊاڪٽر ميهر چند، حضور بخش مغل، ايس ٽي پي اڳواڻ اڪرام باجڪاڻي، جيون سبزوئي، اويس ڪوسو غلام مصطفي ميراڻي، ظريت ساگر ٻجاراڻي، والي ڏنو سنڌي، عبدالعزيز سومرو، اشوڪ ڪمار، شاهنواز مرهيتو ڪامريڊ عباس باجڪاڻي ۽ ٻين ڪئي، احتجاجي ڪيمپ کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ پوليس جي نااهلي سبب سرعام ڪلاشنڪوف هٿياربندن هندو برادري جي گهرن ۾ داخل ٿئي عورتن کي يرغمال بڻائي ڦر ڪري ويا آهن، پوليس ضلعو ڏوهارين کي ٺيڪي تي چڙهي ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 23

خيرپور ناٿن شاهہ طرفان ڀڳت سنگھ جي 94 وين ورسي جي مناسبت سان طبقاتي جدوجهد کي اين شاهہ آفيس ۾ پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ ڪافي تعداد ۾ نوجوانن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي، شهيد ڀڳت سنگھ جي انقلابي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي ڪامريڊ منظر چانڊيو ، ڪامريڊ خالد، ڪامريڊ سرمد چانڊيو ڪامريڊ سهيل چانڊيو ڪامريڊ نظام چانڊيو ڪامريڊ اعجاز ٻبر، ڪامريڊ رشيد ٻگهيو ڪامريڊ عيسا چانڊيو ڪامريڊ آصف ٻبر ۽ ڪامريڊ اعجاز ٻگهيو چيو تہ 94 سالن کان پوءِ بہ ڀڳت سنگھ برصغير جي طبقاتي جدوجهد جو عظيم انقلابي هيرو آهي، هن جي 23 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ سرمايا دارانا نظام ۽ برطانوي سامراج خلاف ڪيل جدوجهد جي ڪري ڦاسي چڙهي وڃڻ طبقاتي جدوجهد جي لاءِ مشعل راهہ آهي، اسان شهيد ڀڳت سنگھ ۽ سندس ڪامريڊ سائين سک ديوَ، راج گرو ۽ چندر شيکر آزاد جي ڏنل قربانين سان وچن ڪيون ٿا تہ سوشلسٽ انقلاب برپا ڪري گڏيل هندستان جي سوشلسٽ فيڊريشن جا بنياد رکي ان جي رهجي ويل مشن کي پورو ڪنداسين پروگرام ۾ سنڌو دريا تي نوان ڇہ ڪئنال ڪڍڻ خلاف قرارداد پاس ڪيو ويو ۽ آخر ۾ انٽرنيشنل ڳائي ڀڳت سنگھ ۽ سندس ساٿين جي قربانين کي پيتا پيش ڪئي وئي.

بقايا 24

نان ڪسٽم پيڊ انساني صحت لاءِ هاجيڪار سگريٽن جو ڪاروبار خلاف ڪاروائي وڏي تعداد ۾ سگريٽ هٿ اچ ڳجهن ادارن انٽيليجنس بيس تي پوليس جي مدد سان قاضي احمد جي رهائشي علائقي دوست محمد ڪالوني ۾ هڪ گدام تي اوچتو ڇاپو هڻي گدام مان وڏي تعداد ۾ نان ڪسٽم پيڊ سگريٽن جا ڪارٽون هٿ ڪري گدام کي سيل ڪيو ويو آهي هٿ ڪيل سگريٽ نواب شاهہ منتقل ڪيا ويا آهن ڪسٽم اختيارين حوالي ڪيا ويندا جنهن بعد ڪڏي ڪاروبار ۾ ملوث ڏيلرن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا 25

جٿياپو آهي ڪئنال سمورا سنڌ جو عوام رد ڪري چڪو آهي اهڙن خيالن جو اظهار پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي ڪراچي ضلعي اوپر جي صدر ۽ سوشل سيڪيورٽي پيپلز اسٽاف يونين (سي بي اي) جي صدر احمد نواز سميجو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالجبار سولنگ جوائنٽ سيڪريٽري رحيم بخش جتوئي ۽ آفيس سيڪريٽري فرمان علي سولنگي سنڌ سوشل سيڪيورٽي ڪراچي پاران سنڌو درياهہ تي ڌاڙي خلاف احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي ڪيو هنن چيو تہ درياءَ خاطر سنڌ سموري سراپاءِ احتجاج آهي ڇهہ نون ڪئنالن، ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي ڪنهن صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ سنڌو درياءَ اسان جي زندگي آهي جنهن تي ڌاڙو اسان ڪڏهن بہ قبول نہ ڪنداسين سنڌ جو عوام 06 نون ڪئنالن کي رد ڪري چڪو آهي سنڌ کي 1971 واري معاهدي تحت ڀهريان ٿي پنهنجي حصي جو پاڻي نہ ٿو ڏنو وڃي مٿان وري هي پاڻي جو ڏڪ بہ ڪسين ٿا تہ سنڌ جون زمينون بنجر ٿي وينديون ۽ هاري پورهيت معاشي بدحالي جو شڪار ٿي ويندا ۽ خدڪشين ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا اسين اهڙي عمل کي ٿنديون ٿا آخر ۾ سنڌو درياءَ سان وچن ڪندي چيو تہ سنڌو جي تحفظ لاءِ ساهہ جي آخري گهڙين تائين جدوجهد جاري رکڻ جو وچن ڪريون ٿا

بقايا 26

ٽيسوري گورنر هائوس ۾ رمضان المبارڪ جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل افطار ڊنر جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو تہ حضرت علي پنهنجي شهادت سان ايثار ۽ قرباني جو عملي مثال قائم ڪيو دعا آهي تہ رمضان المبارڪ جي وڏي راتين جو صدقو الله اسان جي ملڪ کي ترقي عطا فرمائي. هن وڌيڪ چيو تہ گورنر هائوس جا دروازا هر ڪنهن لاءِ کليل آهن. مان چاهيان ٿو تہ هر ڪنهن کي پنهنجي ڇت هجي، عوام جي بنا ڪنهن فرق جي خدمت ڪري رهيو آهيان ۽ ڪندو رهندس. ملڪ جي موجوده صورتحال تي ڳالهائيندي سنڌ جي گورنر چيو تہ ثابت ٿي ويو آهي تہ پاڪستان دشمن عناصر هتي دهشتگردي کي فروغ ڏئي رهيا آهن پر اسان سڀ دشمن قوتن کي سندن سازشن ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين. واضح رهي تہ اتحاد رمضان جي سلسلي ۾ گورنر هائوس ۾ منعقد ڪيل 20هين افطار/ ڊنر ۾ نامور صحافي ارشاد ڀٽي، سماجي ورڪر علي شيخاڻي، جي ڊي سي جي ظفر عباس ۽ معروف ڪاروباري شخصيتن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. ان بابرڪت اجتماع ۾ عورتن، بزرگن ۽ ٻارن وڏي انگ پڻ شرڪت ڪئي. افطار کان اڳ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سينيئر تجزيہ نگار ارشاد ڀٽي سان افطار ڊنر ۾ شرڪت ڪندڙن سان ملاقات ڪئي. سندن مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي فوري حل جو يقين ڏيارايو. تقريب ۾ ناميارا نعت خوان روضي رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي حاضري ڀري حاضري ڏني، ان بعد سينيئر صحافي ارشاد ڀٽي گورنر هائوس جي دوري تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي چيو تہ سنڌ جي گورنر پاران فلاحي ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ ڪيل ڪم ڏسي خوشي ٿي آهي. مون هتي جي آءِ ٽي مارڪي جو بہ دورو ڪيو ۽ مان اهو مڃڻ تي مجبور آهيان تہ سنڌ جي گورنر ان شعبي ۾ تمام وڏو ۽ ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو آهي.

بقايا 27

مصطفي اغوا قتل ڪيس جي جوابدار ارمغان کي پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو. عدالت قتل ڪيس ۾ جوابدار کي عدالتي رمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو. عدالت ۾ جاچ آفيسر چيو تہ جوابدارن خلاف ٻيا بيا ڪيس پڻ التواءِ ۾ آهن. جاچ آفيسر چيو تہ انهن ڪيسن ۾ بہ جاچ لاءِ جوابدار کي جيل ۾ موڪلو وڃي. عدالت چيو تہ باقي ٽن ڪيسن ۾ جوابدار جي جسماني رمانڊ جي حڪم کي برقرار رکيو وڃي ٿو عدالت جاچ آفيسر کان سوال ڪندي پڇيو تہ جوابدار جو طبي معائنو ڪرائڻ لاءِ چيو هو جاچ آفيسر چيو تہ جوابدار جو 20 مارچ تي طبي معائنو ٿيو هو جنهن جي رپورٽ پيش آهي. جاچ آفيسر جو عدالت ۾ چوڻ هو تہ جوابدار جوڊيشل مئجسٽريٽ جي سامهون بيان ريڪارڊ نہ ڪرايو عدالت چيو تہ جوابدار پاڻ جج جي سامهون ڏوهہ جو اعتراف ڪرڻ لاءِ چيو هو. جوابدار ارمغان چيو تہ مان بيان رڪارڊ ڪرڻ چاهيان ٿو جڊيشل مجسٽريٽ بيان ريڪارڊ ڪرائڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا 28

کي سفر جي اجازت نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڪوئيٽا جي ڪمشنر حمزا شفقات جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪوئيٽا کان رات جي وقت ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ کي سفر جي اجازت نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ اهو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ بسن ۽ ڪوچن جي وقت سر روانگي يقيني بڻائي ويندي ۽ سيٽي ڪوچن، بسن ۾ ٽريڪر ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائون فعال رکيون وينديون. گڏوگڏ سيٽي ٽرانسپورٽرن کي حڪومتي قدمن بابت ڀرپور سهڪار جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 29

پوءِ پنڌ اڄ وچ جي لاءِ کوليو ويو آهي جنهن کان پوءِ مسافرن جي پنڌ اڄ وچ شروع ٿي وئي آهي. صرف ويزا ۽ پاسپورٽ رکندڙ مسافرن کي افغانستان اچڻ ۽ وڃڻ جي اجازت هوندي. ذريعن موجب طورخم سرحد اميگريشن سيڪشن کي مرمتي ڪم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ بحال ڪيو ويو جنهن کان پوءِ اڄ کان افغانستان کي پنڌ اچ وچ شروع ٿي وئي آهي پر صرف ويزا ۽ پاسپورٽ رکندڙن کي افغانستان وڃڻ جي اجازت هوندي، سرحدي گذر گاهہ 26 ڏينهن کان پوءِ گذريل ڏينهن واپار جي لاءِ کولي وئي هئي. اميگريشن ذريعن موجب 21 فيبروري تي پاڪستان ۽ افغان فورسز جي وچ ۾ چڪريون ٿيون هيون. فائرنگ سبب پاڪستان ۽ افغانستان طورخم اميگريشن سسٽم کي نقصان پهتو هو. اميگريشن اختيارين ٻڌايو تہ سرحد بند ٿيڻ سبب صرف افغان مريضن کي پاڪستان اچڻ جي اجازت ڏني پئي وئي، طورخم جي رستي افغانستان مان روزاني 10 هزار مسافرن جي اچ وڃ ٿيندي آهي. اختيارين موجب گذريل ڏينهن پاڪ افغان بارڊر طورخم تي اميگريشن ڪمپيوٽرائيزڊ سسٽم ٻيهر خراب ٿي ويو سسٽم جي مرمت لاءِ انجنيئرز کي طلب ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ سسٽم جي مرمت مڪمل ڪئي وئي، 21 فيبروري تي افغانستان سان ڇڪتاڻ سبب طورخم سرحد کي بند ڪيو ويو ياد رهي تہ پاڪ افغان طورخم سرحد کي 27 ڏينهن کان پوءِ کولڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو قبائلي جرگي تڪراري تعميرات بند ڪرڻ ۽ طورخم واپاري گذر گاهہ کولڻ تي اتفاق ڪيو هو افغان جرگہ 17 مارچ تائين سرحد کولڻ جي مهلت گهري هئي.

بقايا 30

ڪائونسل تي زور ڏنو آهي تہ غزا ۽ اولهہ ڪناري ۾ جاري اسرائيلي جارحيت خلاف فيصلائتي ڪارروائي ڪري. اهڙن خيالن جو اظهار گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي منير اڪرم غزا ۾ انساني صورتحال تي سلامتي ڪائونسل جي بريفنگ ۾ هڪ بيان ڏيندي ڪيو. هن اسرائيل جي غزا تي تازي بمباري ۽ انساني امداد جي منظم ناڪابندي سميت وڌندڙ جارحيت جي سخت مذمت ڪئي. اسرائيل جي وڏي پيماني تي فوجي ڪارروائين جو حوالو ڏيندي منير اڪرم چيو تہ روز فوجي ڇاپا، آبادين تي حملا ۽ زمينن جو غير قانوني انضمام اولهہ ڪناري ۾ فلسطيني عوام جي نسل ڪشي جي هڪ منظم ڪوشش آهي. هن چيو تہ هڪ اعتماد جوڳو سياسي عمل شروع ڪيو وڃي، جيڪو 1967 کان اڳ جي سرحدن موجب هڪ خود مختيار فلسطيني رياست جي قيام جو رستو کولي.

بقايا 31

معاملن واري صلاحڪار راڻا ثناءُالله عمران خان جي آزادي کي معافي سان مشروط ڪري ڇڏيو آهي. نجي چينل جي پروگرام جرگہ ۾ ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءُالله چيو تہ باني پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) عمران خان جيڪڏهن 9 مئي جي واقعن تي سچي دل سان معافي گهري تہ آزاد ٿي سگهي ٿو ياد رهي تہ انهي کان اڳ ڏنل بيان ۾ راڻا ثناءُالله چيو هو تہ پي ٽي آءِ باني کي عدالت آزاد ڪري ٿي تہ حڪومت کي ڪو بہ اعتراض ناهي، عمران خان کي حڪومت نظربند ناهي ڪيو اهو پنهنجي ڪيسز جي ڪري جيل ۾ آهي. هن وڌيڪ چيو تہ پي ٽي آءِ باني پنهنجي ضمانت هاءِ ڪورٽ يا سپريم ڪورٽ مان ڪرائي سگهي ٿو.

بقايا 32

علي شاهہ پاڻيءَ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سندس پيغام ۾ سنڌ ۾ وڌندڙ پاڻي بحران تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ ايندڙ نسلن لاءِ پاڻي جي وسيلن جي حفاظت ڪندي ترت اپاءَ وٺڻ جي گهر ڪئي آهي. وڏي وزير چيو تہ پاڻي زندگي آهي ۽ ان جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي تہ پاڻيءَ جو فضول استعمال نہ ڪيو وڃي ۽ پائيدار مستقبل کي يقيني بڻايو وڃي. سيد مراد علي شاهہ سنڌ ۾ شديد پاڻي جي کوٽ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي خبردار ڪيو تہ پاڻي جي کوٽ زراعت ۽ معيشت لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهي آهي. هن چيو تہ پاڻيءَ جو بحران انهن هارين ۽ مهاڻن کي سڌو متاثر ڪري رهيو آهي جن جي گذر سفر جو دارومدار سنڌوءَ درياهہ تيآهي. وڏي وزير نشاندهي ڪندي چيو تہ سنڌو درياهہ جي گهٽ ٿيندڙ وهڪرن لکين ماڻهن جي روزگار کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. وڏي وزير پاڻي کوٽ جو ذميوار غير منصفاڻي پاڻي جي ورڇ ۽ موسمياتي تبديلي کي قرار ڏئي ڇڏيو وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو تہ سنڌو درياهہ جون سڪندڙ لهرون زندگي ۽ زراعت لاءِ خطري جي گهنٽي آهن. هن پڪو پهہ ڪندي چيو تہ سنڌ پنهنجي پاڻي جي حقن تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪندي. هن سنڌو درياهہ تي نوان ڪينال اڏڻ تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي تنبيهہ ڪئي تہ اهڙا منصوبا سنڌ ۾ پاڻي جي بحران کي وڌيڪ شديد ڪري سگهن ٿا ۽ خشڪ سالي جهڙي صورتحال پيدا ڪندا. هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي، تہ جيئن هر صوبي کي ان جو جائز حصو ملي. وڏي وزير چيو تہ جڏهن سنڌ جي زرخيز زمين اڳئي پاڻي کان محروم آهي، تہ پوءِ نوان ڪينال ڪيئن ناهي سگهجن ٿا؟ وڏي وزير سوال ڪندي ترت اپاءَ وٺڻ جي گهر ڪئي تہ جيئن سنڌ کي امڪاني ڏڪار کان بچائي سگهجي. وڏي وزير سنڌو درياهہ جي ڊيلٽا جي تحفظ جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪندي چيو تہ انڊس ڊيلٽا جو بچاءُ پاڪستان جي بقا لاءِ نهايت ضروري آهي. هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ ڪيتري ئي ورهين کان سنڌو درياهہ جو پاڻي ڊيلٽا تائين ناهي پهتو جنهن سبب لکين ايڪڙ زمين سمنڊ ڪائي چڪو آهي. مراد علي شاهہ يقين ڏياريو تہ سنڌ حڪومت پاڻي جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ مضبوط حڪمت عملي ترتيب ڏئي ڇڏي آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي تہ پاڻي جي هر ڦڙي جي حفاظت لاءِ گڏجي جدوجهد ڪئي وڃي. وڏي وزير چيو تہ پاڻي ڪانسواءِ زندگي ناممڪن آهي، اچو تہ اڄ عزم ڪريون تہ پاڻيءَ جي هر ڦڙي جي حفاظت ڪنداسين. هن ان ڳالهہ تي بہ زور ڏنو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي سدائين سنڌ جي پاڻي جي حقن جي دفا ع لاءِ متحرڪ رهي آهي.

بقايا 33

حملي ۾ 44 ڄڻا مارجي ويا. نائجر جي گهرو وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب دهشتگردن جي مسجد تي حملي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي بہ ٿيا. دهشتگردن جي حملي وقت وڏي انگ ۾ ماڻهو مسجد ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا. دهشتگردن ٻهراڙي جي علائقي ڪورو ۾ مسجد کي نشانو بڻايو اختيارين ٻڌايو تہ دهشتگردن مسجد جو گهيرو ڪري حملو ڪيو. جڏهن تہ مقامي بازار ۽ گهرن کي بہ باهہ ڏئي ڇڏي. نائجر جي حڪومت اهڙي واقعي تي 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 34

انصاف جي اطلاعات سيڪريٽري خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس تي ٻڌڻي ڪئي، عدالت جوابدار فوزيہ صديقي کي جڊيشل رمانڊ تي جيل موڪليندي ايف آءِ اي کي ايندڙ ٻڌڻي تي چالان پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جاچ آفيسر چيو تہ جوابدار فوزيہ مُلڪ مخالف ٽوئيٽ ڪيا. جوابدار ٽوئيٽ ذريعي عالمي سطح تي رياستي ادارن جي ساک کي نقصان پهچايو آهي.

بقايا 35

لگايل ود هولڊنگ ٽيڪس جي شرح اپريل 2025ع کان 2 سيڪڙو گهٽ ڪرڻ جي جزوي رعايت ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ وڪرو ڪندڙن تي لگايل ود هولڊنگ ٽيڪس جي شرح برقرار رهندي. آءِ ايم ايف پراپرٽي خريدارن تي فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي(ايف اي ڊي) گهٽ ڪرڻ تي بہ اتفاق ڪيو آهي جڏهن تہ وڪرو ڪندڙن کان اهو ٽيڪس لاڳيتو وصول ڪيو ويندو. اهڙي طرح ايف بي آر جي درخواست تي هلندڙ مهيني(مارچ2025) جو ٽيڪس حدف 60 ارب روپيہ گهٽ ڪرڻ تي بہ آءِ ايم ايف اتفاق ڪري ورتو آهي. اعليٰ سرڪاري ذريعن نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي تصديق ڪئي تہ ريئل اسٽيٽ ۽ تعميراتي شعبي جي لاءِ هڪ وڏي ۽ ڊگهي عرصي کان اڱيرائي ۾ حڪومت آءِ ايم ايف کي راضي ڪري ورتو آهي تہ هو خريدار جي لاءِ ود هولڊنگ ٽيڪس جي شرح 2 سيڪڙو گهٽ ڪري. پاڪستاني اختيارين ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ جمعي جي رات ورچوئل ملاقات ٿي، پاڪستاني اختيارين جو چوڻ هو تہ اها اڱيرائي ميمورنڊم آف اڪنامڪ اينڊ فنانشل پاليسيز تي اتفاق راءِ ۽ عملي سطح تي معاهدي ايس ايل اي جي راهہ هموار ڪندي. جنهن جو امڪان آهي تہ ايندڙ هفتي تائين طئي ٿي ويندو.

بقايا 36

اڃا تائين معطل آهي. جڏهن تہ انٽرنيٽ بندش جو اڄ ٽيون ڏينهن آهي. ان ڪانسواءِ ڪوئيٽا ۾ ريڊ زون بہ سيل ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي خدشن جي بنياد تي ڪوئيٽا ۾ موبائل فون سروس بند ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ شهر ۾ موبائل انٽرنيٽ سروس اڳ ئي بند آهي. جنهن سبب شهري ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. هوڏانهن ڪوئيٽا ۾ ريڊ زون بہ سيل ڪيو ويو آهي ۽ رستن کي ڪنٽينر بيهاري بند ڪيو ويو آهي. اڄ ٻارهين ڏينهن بہ ڪوئيٽا کان اندرون ملڪ لاءِ ٽرين سروس بحال ناهي ٿي سگهي، ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي تہ جعفر ايڪسپريس سانحي ڪانپوءِ ڪوئيٽا کان ٽرين سروس معطل آهي پر چمن پيسينجر ٽرين معمول موجب هلي رهي آهي.

بقايا 37

علي ڪرم الله وجهہ جو يوم شهادت انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. حضرت علي جي شهادت جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ ماتمي جلوس ۽ مجلسون منعقد ڪيون ويون. ڪراچي ۾ مرڪزي جلوس ٻنپهرن جو هڪ وڳي نشتر پارڪ کان برآمد ٿيو جيڪو ڪارا در ۾ امام بارگاهہ حسينہ ايرانيان تي اختتام پذير ٿيو. جلوس جي گذر گاهن تي ايندڙ گهٽين ۽ روڊن کي ڪنٽينر لڳائي بند ڪيو ويو. شهرين کي صرف واڪ ٿرو گيٽس جي ذريعي داخلا جي اجازت هوندي ۽ رستن تي ڪلوز سرڪٽ ڪيمرائون بہ لڳايون ويون آهن. جلوس جي روٽ تي ايندڙ دوڪان بند ڪرايا ويا آهن. ايم اي جناح روڊ کي بہ ٽريفڪ جي لاءِ بند ڪيو ويو جڏهن تہ ڪوريڊور ٽري کان صدر ايندڙ روڊ کي پارڪنگ پلازه کان بند ڪيو ويو آهي. جلوس جي سيڪيورٽي لاءِ فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن. رينجرز ۽ پوليس جا 4 هزار کان وڌيڪ اهلڪار ڊيوٽي تي مقرر هوندا. جلوس نشتر پارڪ کان ٿيندي سر شاهنواز ڀٽو روڊ، فادر جيمز روڊ، ايم اي جناح روڊ، مسينسفيلڊ اسٽريٽ، ريگل چوڪ، پريڊي اسٽريٽ، ايم اي جناح روڊ بولٽن مارڪيٽ، ٻهاٽي بازار، ڪارادر، نواب محبت خانجي روڊ ۽ حسينيہ ايرانيان امام بارگاهہ تائين جاري رهندو لاهور ۾ يوم شهادت حضرت علي جي موقعي تي مرڪزي جلوس مبارڪ حويلي اندرون اڪبري گيٽ کان برآمد ٿيندو جيڪو ڪربلا گامي شاهہ تي اختتام پذير ٿيندو. آزادي فلائي اوور کان ٻهاٽي چوڪ طرف ويندڙ روڊ هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند هوندي. مال روڊ، سيڪريٽريٽ کان ايندڙ ٽريفڪ کي ڪچهري چوڪ کان آئوٽ فال روڊ سڱيان طرف موڙيو پيو وڃي. ٻئي طرف پشاور ۽ راولپنڊي ۾ لڳايل مرڪزي جلوس پنهنجي مقرر رستن کان ٿيندي اختتام پذير ٿي ويا آهن

بقايا 38

موجب قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ حڪومت پگهاردار طبقي تي بار وڌيڪ هجڻ کي مڃيندي انهي طبقي کي بہ فوري رليف کان معذرت ڪري ورتي آهي. اهڙي طرح ڪنڊ جي گهريلو ۽ ڪمرشل صارفين جي لاءِ ڏار ڏار قيمتون مقرر ڪرڻ جي خبر ٻڌائي ڇڏي آهي. قومي اسيمبلي جو اجلاس گذريل ڏينهن ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ پگهاردار طبقي تي ٽيڪس جو وڌيڪ دباءَ هجڻ خلاف ڏيان ڏيارايو نوٽيس جو جواب ڏيندي پارلياماني سيڪريٽري بلال اظهر ڪياني ٻڌايو تہ وزيراعظم چوي ٿو تہ پگهار طبقي تي ٽيڪس جو ڪافي بار آهي پر ملڪي معيشت جون حالتون اهڙيون آهن جو فوري طور تي ملازمن کي رليف ڏيڻ ممڪن نہ آهي. هن چيو آهي تہ ريلوي ۾ هڪ هزار پوليس اهلڪار ڀرتي ڪيا پيا وڃن. بلوچستان ۾ ٽرين تي هاڻ 22 سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويندا بولان ۽ جعفر ايڪسپريس کي جلد بحال ڪيو ويندو. شاهد عثمان چيو آهي تہ ڪميٽي ڪنڊ جي ڪمرشل ۽ گهريلو ڏار ڏار قيمتون مقرر ڪرڻ جي لاءِ 17 اپريل تائين ڪم مڪمل ڪري وٺندي. مملڪتي وزير شاهد عثمان جواب ڏيندي چيو تہ معيشت جي بحالي ۾ هڪ سال لڳندو. قومي بجت اسڪيمن ۾ اسلامي سرمائيڪاري نہ هجڻ جو ڏيان ڏيارايو نوٽيس تي ايوان کي ٻڌايو ويو تہ 64 ارب روپين جي اسلامي سرمائيڪاري ٿي چڪي آهي. جنهن کان پوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪيو ويو.

بقايا 39

سنڌو درياءَ مان 9 ڪئنال ڪڍڻ واري منصوبي خلاف ڪوٽڙي محمد ڪبير پريس ڪلب کان شاندار ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي ماڻهن جي هٿن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊ هئا، جن تي سنڌو تي ڌاڙو نامنظور ڪئنال نامنظور نعره لکيل هئا،ريلي نيشنل هاءِ وي مٿان مارچ ڪري نعري بازي ڪندي واپس پريس ڪلب وٽ اچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي شهري اتحاد صدر ۽ صحافي مولابخش ٽيبو خطاب ڪندي چيو تہ 9 ڪئنال ڪڍڻ سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو آهي،سنڌ ۾ ٻهرين ئي پاڻي جي کوٽ آهي، ويتر سنڌ جي زرخيز زمين تباهہ ٿي ويندي، ماڻهون بک ۽ بدحالي ۾ مبتلا ٿي ويندا. سنڌو تي ڌاڙو ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪنداسين. پ پ پ جا وزير ۽ وڏيرا چون ٿا توهان روڊن تي چو پيا نڪرو. اچو همٿ ڪري سڀ گڏجي ڪئنالن کي روڪرايون. خيرپور صحافي اتحاد صدر حاجي غلام حسين چانگ خطاب ۾ چيو تہ هي 9 ڪئنال نہ پر سنڌي قوم لاءِ ڊيٿ ڪئنال آهن سنڌو درياءَ تي نوان ڪئنال سنڌ جي تاريخي حقن تي سڌو سنئون ڌاڙو آهي، جيڪا اسان کي قبول ناهي، استاد شوڪت علي جروار خطاب ۾ چيو تہ آصف زرداري ارسا ايڪٽ ترميم تي صحيح ڪري ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت ڏئي سنڌ سان منافقت ڪئي آهي، آصف زرداري ڪئنالن جو فيصلو واپس وٺرائي يا استعيفا ڏئي، اسان درياهہ جي بقا لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين جنگ ڪندا رهنداسين، ورنا سنڌ اسلام آباد کان ڌار ٿي سگهي ٿي، اهڙي طرح سيد جاني شاهہ ، عبدالرزاق لاشاري، شفيق قريشي، طلحا ،اياز قاضي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 40

غازي عبدالقادر ڪبر، سميت سوين ڪارڪنن سندس جو شاندار آجيان ڪئي گلن نڇاور ڪيا جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو هٿ لوڏي نعرن جو جواب ڏنو جنهن بعد وڏي جلوس جي صورت ۾ ڏيارجا ۾ پ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻ ۽ ميرمرتضي ڀٽو جي ويجهي ساٿي غازي عبدالقادر ڪبر جي پاران ڏنل افطار پارٽي ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 41

ڪجهہ ضلعا ڌاڙيلن حوالي آهن. پوري سنڌ جي تعليم تباهہ آهي سنڌ ۾ 78 لک ٻار تعليم کان محروم آهن، 5 هزار گوسٽ اسڪول آهن 20 هزار کان وڌيڪ تعليمي ادارن جون بلڊنگون زبون حال جو شڪار آهن. مهانگائي، بک بدحالي سنڌ جو مقدر بڻجي وئي آهي. دنيا مان ورتل قرض ايترو تہ وڌي ويو آهي جو پاڪستان ۾ هر جمڻ وارو ٻار 3 لک روپين جو قرضي بڻجي وڃي ٿو هن چيو تہ 2001 کان سنڌ اڳ ئي پاڻي جي بدترين کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي، چولستان جي 70 لک ايڪڙ غير آباد بنجر زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي آباد ۽ سرسبز زمينن کي بنجر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، سنڌ اندر ٻار ڪان وٺي پيرسن تائين سنڌو درياهہ مان نڪرندڙ 6 ڪئنالن کي رد ڪيو آهي سنڌ جو شعور هن وقت بہ روڊن تي نڪتل آهي پر وفاق سرڪار پنهنجي هوڏ تي قائم آهي، هن چيو تہ سنڌ جو پاڻي ڪنهن بہ صورت ۾ چوري ڪرڻ نہ ڏينداسين، جماعت اسلامي پنهنجو واضح موقف رکيو آهي تہ سنڌو درياهہ تي 6 نوان ڪئنال ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهن، هوڏانهن رتوديرو جي مقامي هال ۾ عوامي افطار ڊنرکي خطاب ڪندي ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو تہ جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي تہ پيپلز پارٽي پاران ڪئنالن واري مسئلي تي احتجاج جو سڏ دراصل عوام کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش جو حصو آهي، جيڪڏهن پيپلز پارٽي ڪئنالن جي مسئلي تي سنجيده آهي تہ احتجاج جو سڏ ڏيڻ بدران وفاقي حڪومت جي حمايت ختم ۽ صدر زرداري توڙي پنجاب ۽ ڪي پي جي گورنرز کي بہ استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي، سنڌ جي سياسي، سماجي، ديني، قومپرست ۽ وڪلا برادري سميت شاگردن جي تاريخي احتجاج پ پ کي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، پر اڃان تائين ڪينالن جي معاملن ۾ وفاقي حڪومت کان الڳ ٿيڻ بدران بيان بازي ۽ احتجاج جو نالو وٺي عوام کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جڏهن تہ وڏو وزير هر روز اسيمبليءَ توڙي ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ دوران سنڌ جي مفادن بدران پنجاب حڪومت جي وڪالت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ۽ وفاقي حڪومت پاران سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن کان پوءِ وفاقي وزيرن ۽ مشيرن جي فوج ظفرموج جي پگهارن ۾ پڻ 188 سيڪڙو اضافي جي سخت مذمت ڪريون ٿا، موجوده جعلي حڪمران معاشي خرابين جو جواز ٻڌائي هڪ طرف عوام ۽ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ کان مڪمل نابري واري رهيا آهن. تہ ٻئي طرف اشرافيا ۽ جاڳيردار طبقي تي مشتمل وزراءَ ۽ ميمبرن جي پگهارن ۾ ڇٿوڻ تي اضافو ڪري مهنگائي، بيروزگاري ۽ بدامني مان ستايل عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪي رهيا آهن. يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي بند ۽ ڇهہ هزار کان وڌيڪ ملازمن کي فارغ ڪرڻ جهڙا فيصلا عوام دشمني جو ڪليل ثبوت آهن. شهباز حڪومت ٽن سالن کان عوام تي مهنگائي، بيروزگاري ۽ بدامني مسلط ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڊليور ناهي ڪري سگهي. حڪمرانن ۽ مقتدره جي غلط پاليسين جي ڪري اڄ بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا دهشتگردي جي باهہ ۾ سڙي رهيا آهن پرنام نادجعلي حڪومت جا ڪارڪن پنهنجين پگهارن ۾ اضافو ۽ ٻاهرين ملڪن جي سيرسپاٽن ۾ مصروف آهن. ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو تہ وفاقي حڪومت جا فيصلا اشرافيا لاءِ رحمت ۽ عام ماڻهو لاءِ زحمت جو سبب بڻجي رهيا آهن. مهانگائي جو بانو ڪري وزيرن ۽ مشيرن جي پگهارن واڌ، جڏهن تہ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ کان انڪار سراسر ظلم آهي، ننڍن ملازمن کي فارغ ڪرڻ جي بدران وزيرن ۽ مشيرن جي فوج ظفر موج ۾ ڪمي ڪري مختصر ڪابينا، سادگي ۽ ڪفايت شعاري واري پاليسي اختيار ڪئي وڃي. هڪ طبقي جي پگهارن ۽ ٻين مراعتن ۾ واڌ ڪئي پئي وڃي، پر عام ماڻهو جيڪو اڳ ۾ ئي، مهانگائي، معاشي بدحالي ۽ بيروزگاري سبب تنگ آهي، ان کي رليف ڏيڻ بدران نوڪرين کان فارغ ڪيو پيو وڃي. ڪاشف سعيد شيخ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ايندڙ بجت ۾ ننڍن سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ خاطرخوا واڌ ۽ ٽيڪسن جو بار گهٽ ڪيو وڃي تہ جيئن عام ماڻهو کي ڪجهہ رليف ملي سگهي.

بقايا 42

سنڌ جي درياءَ ۽ واهن جي پيٽن ۾ پاڻي جا اُٿهوند جي ڪري نسوري واري اڏامي رهي آهي ۽ پنجاب ۾ بمپر فصل پيا ٿين، هي اهو پاڪستان ڪٿي آهي جنهن جي ڳالهہ 23 مارچ 1940 ع جي قرارداد پاڪستان ۾ ڪئي وئي، هتي تہ قدم قدم تي اڻبرابري ۽ هر پاليسي ۽ فيصلي ۾ ناانصافي آهي. اسان کي انصاف ڀريو پاڪستان کپي جنهن ۾ سنڌ جي ٻچن کي بہ جيئڻ جي ضمانت هجن، پاڪستان صرف پنجاب نہ آهي هن چيو تہ سنڌ پاڻي سميت وسيلن ۾ منصفاڻي ورڇ چاهي ٿي ان جي ڳالهہ ٻڌي وڃي، پاڻي جي ورهاست قائدن موجب ٿيڻ کپي ۽ سنڌ جا رد ڪيل ڪينال فوري طور تي هر فورم تان خارج ڪري ختم ڪيا وڃن. حڪمرانن کي ، مسلم لگ ن کهر روز سنڌ جي رستن تي ٻار ٻچا، عورتون ٻڍا، هاري، مزدور، وڪيل، پورهيت ۽ سياسي ڪارڪن وڏي واڪي نعرا هڻندي پاڻي جي حق جي حاصلات لاءِ نظرنٿا اچن، پنجاب ۾ اڄ صاف پاڻي جو نعرو پيو لڳي پر هتي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ د پيئڻ لاءِ صاف ڌچا لڙائو پاڻي بہ ميسر ناهي. پاڻي نہ هئڻ جي ڪري ٺٽو سجاول، بدين ۽ ٻيا ضلعا ۽ عوام ڏڪار جي منهن ۾ سخت مشڪل ۾ آهن. سنڌ ۾ زراعت لاءِ تہ ڇا مال ۽ ماڻهن لاءِ پاڻي موجود ناهي، هن وقت بہ سنڌو جو پاڻي سنڌ جي اجازت کانسواءِ هر قائدي ۽ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي نادر شاهي حڪمن سان چشما جهلم ۽ ٽونسا پنجند ڌاڙيل واهن وسيلي کسيو پيو وڃي. وفاقي حڪومت، ارسا ۽ ٻيا ادارا يزيديت ڇڏي سنڌ جي احتجاج کي ڏسن ۽ سنڌ جي ماڻهن جي اکين ۾ غم ۽ غصو پڙهي وٺن د بهتر آهي، نہ ڌاها ڪاوڙ سخت نفرت ۾ بدلجندي دير نہ ڪندي. اسين سڀني لاءِ آئيني حقن جو تحفظ، برابري ۽ انصاف چاهيون ٿا، سنڌ کي ديوار سان لڳائڻ جي روش بند ڪرڻي پوندي سنڌ کي ڏڪار ۾ وجهي عوامي زرعي ۽ معاشي مار ڏيڻ بند ڪيو وڃي ۽ ڌاڙيل ڪينالن جو فيصلو فوري طور واپس ورتو وڃي. پاڪستان جي استحڪام ۽ ترقي جي ڀهرين ڪسوٽي پاڻي بابت انصاف ڀريا فيصلا آهن. ان لاءِ ڀهرين يزيديت وارا فيصلا دفن ڪرڻا پوندا.

بقايا 43

فارمنگ خلاف سپائي (اچ) نيو سعيد آباد ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ بينظير چوڪ کان پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب نيو سعيد آباد اڳيان جلسي عام ڪيو ويندو. ساڳئي ڏينهن تي ٽالهي اسٽيشن شهر ۾ صبح 11 وڳي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون، گنگا ڪولهي جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ڪيو ويندو. 24 مارچ صبح 10 وڳي جهوڪ شريف ۾ صوفي شاهہ عنايت شهيد جي مزار کان مين اسٽاپ تائين پيادل مارچ ڪيو ويندو. 26 مارچ مٽي ۾ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ريلي ڪڍي ويندي، 27 مارچ 24 ميل ڪوٽ غلام ۾ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ويندي. قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجي چيو د 6 نوان ڪئنال ناهي سنڌو درياهہ جو رخ چولستان ڏانهن ڪيو پيو وڃي. اهي ڪئنال نهي ويا د پاڻ سڀ پاڻي ڦڙي لاءِ سڪي ويندا سين. ڪوٽڙي کان هيٺ سنڌو درياهہ ريگستان بنجي ويو آهي، سکل درياهہ ۾ واري پئي اڏامي. انڊس رور سسٽم ۾ ضرورت جيترو پاڻي ناهي. 1991 ڌاهہ تي عمل نٿو ڪيو وڃي. سنڌ کي حصي جو پاڻي نہ ملڻ ڪري سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. اياز لطيف پليجي چيو د گرين پاڪستان معني سڄو پاڪستان سائو هجي شهباز شريف ۽ مريم نواز جي پاليسي آهي د گرين پاڪستان معني پنجاب سائو ڪجي باقي سنڌ زرد ٿئي سڪي پڙپانگ ٿئي ۽ پوءِ سنڌ ۾ رڳو لاش ئي لاش هجن پاڻي نہ هوندو د سنڌ جا ماڻهو ڪشتو ڪٺي پڻ تي مجبور هوندا انڪم سپورٽ ذريعي اڳ ۾ ئي عورتن کي پنڻ سيکاريو ويو آهي. اياز لطيف پليجي چيو د پيپلزپارٽي سمجهي ٿي د اسان وفاق سان سنڌ جو سودو ڪيو آهي د سنڌ خاموش رهندي ۽ سرنگون رهندي پيپلزپارٽي کي سمجهڻ کپي سنڌ پنهنجي پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ وفاق کي ڏيڻ نہ ڏيندي نوازليگ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ پيپلزپارٽي کي لکي ڏئي ڇڏي اٿن. پيپلزپارٽي بي تيرو وارو ڪردار ادا پئي ڪري پاڻ سڀ سنڌ واسي وفاق کي سنگ چٽي ۽ بدي ۾ ڏنل آهيون. زرداري انهن کي پڪ ڏياري آهي د سنڌ منهنجي کيسي ۾ پئي آهي، سنڌ جي احتجاجن کي ڪير ٿو پڇي پر زرداري کي اهو اختيار ڪنهن ڏنو آهي، سنڌ جا ماڻهو زرداري کي سنڌ جو پاڻي زمينون ۽ وسيلا ڪون ڏيڻ ڏيندا. اياز لطيف پليجي چيو د سنڌو درياهہ ۾ پاڻي ناهي سنڌ حڪومت پاران 70 سيڪڙو کوٽ ڊڪليئر ڪئي وئي، سنڌ ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي رهي آهي. ڀٽي صاحب جي دور ۾ چشما جهلم ۽ ٽونسا ڪئنال ناهيا ويا. وري پ پ حڪومت ٿل ڪئنال ناهيو. انهن ڌاڙيل ڪئنالن ذريعي سنڌ جو 12 مهينا پاڻي چوري ڪيو وڃي ٿو هاڻ وري آصف زرداري بلاول کي وزيراعظم بنائڻ لاءِ درياهہ جي قيمت ڏني آهي.

بقايا 44

تي ٺهندڙ ڇهن ڪينالن ۽ شڪارپور ضلعي جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ خلاف همايون پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ صدر عبدالسميع بلالي، شڪيل جهلڻ ، اسلام الدين لهر ،اسلم معرفاڻي، جساف اڳواڻ طالب ديشي، وسيم چنہ وحيد معرفاڻي، عزير ريٽي سميت سميت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. اڳواڻن احتجاجي ڪيمپ کي خطاب ڪندي چيو تہ گرين پنجاب پاڪستان جي نالي تي چولستان جي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ 6 نوان واهہ سنڌو درياهہ مان ڪڍيا پيا وڃن چولستان ريگستان پنجاب جي ڏاکڻي حصي ۾ واقع آهي. اهو روهي ريگستان جي نالي سان پڻ مشهور آهي. جيڪو 25000 چورس ڪلوميٽرن تي بهاولپور، رحيم يار خان ۽ بهاول نگر ضلعن ۾ پکڙيل آهي اهو اتر ۽ اولهہ ڏانهن هاڪرا ڊپريشن سان لڳل آهي. اهو سنڌ جي ٿر ريگستان ۽ هندستان جي راجستان ريگستان تائين پکڙيل آهي.ان کي سرسبز ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهہ مان ڪينال ڪڍيا پيا وڃن وڌيڪ ڳالهائيندي اڳواڻن چيو تہ ضلعي جو صحت کاتي ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو آهي، افسوس جي ڳالهہ آهي تہ شڪارپور جي سول اسپتال جيڪا 70 ۽ 80 جي ڏهاڪي ۾ تمام سٺي ڪم ڪندڙ اسپتال هئي، اها هاڻي صرف ريفر(Refer Hospital) بڻجي وئي آهي، هتي ڊاڪٽر گهٽي ڀاڳي ڊيوٽي نہ ٿا ڪن، معلوم ڪبو تہ خبر ملندي تہ ڪجهہ ڪراچي جي اسپتالن ۾ ڪم ڪن ٿا ڪجهہ ملڪ کان ٻاهر ويل ۽ ڪجهہ وري ويڙا تي مزا مائيندي پرائيوٽ اسپتالون هلائن ٿا اهڙي صورتحال سموري ضلعي جي صحت مرڪزن ۾ بہ موجود آهي اهڙا ملازم هتي ڪنهن کي پگهار جو حصو ڏئي ڪم نٿا ڪن ۽ ٻئي هنڌ وڃي پنهنجو ڪم ڪن ٿا. اسان مطالبو ٿا ڪريون تہ اسپتالن ۾ ملازمن کي سندن جاءِ تي مقرر ڪيو وڃي ۽ عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 45

چنا سينئر صحافي، دانشور ۽ ڪي ٽي اين، پي ٽي وي سميت ٻين ٽي وي چينلن لاءِ بهترين ڊراما لکڻ واري ليکڪ ماٽڪ ڪنگراڻي جي وفات تي دلي رنج ۽ ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پوئٽرن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي آهي#

بقايا 46

ڪندي عيد الفطر جي موقعي تي ٽرانسپورٽ آفيسرن جون موڪلون رد ڪري ڇڏيون آهن. سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ اضافي ڀاڙن جي وصولي خلاف مهم جي سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جي سڀني آفيسرن ۽ عملي جون عيد جون موڪلون رد ڪيون ويون آهن. سنڌ حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي تہ عيد الفطر جي موقعي تي عوام کي سفري سهولتن ۾ ڪا بہ ڏکيائي نہ ٿئي ۽ اضافي ڀاڙن جي وصولي خلاف فوري ڪارروائي ڪري سگهجي، هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ عيد دوران اضافي ڀاڙا وٺڻ جون شڪايتون عام هونديون آهن. ڪنهن بہ شهري کي اضافي ڀاڙو نہ ڏيڻ گهرجي. سڄي صوبي ۾ ٽرانسپورٽ آفيسر عوام جي سهولت لاءِ موجود هوندا. هن چيو تہ سنڌ ٽرانسپورٽ اٿارٽي ۽ آر ٽي اي/ڊي آر ٽي اي جا سڀئي آفيسر ۽ عملدار عيد جي موڪلن دوران عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ موجود هوندا. سنڌ حڪومت تہ وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائي جون خاص هدايتون جاري ڪيون آهن. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو تہ عوام کي اضافي ڀاڙو ڪرائي ڏيڻ بدران فوري طور تي شڪايت درج ڪرائڻ گهرجي تہ جيئن حڪومت فوري طور ڪارروائي ڪري سگهي. سنڌ سرڪار عوامي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ۽ ڪنهن کي بہ غير قانوني طور تي منافعو ڪمائڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي.

بقايا 47

ٽرين سروس بحال ناهي ٿي سگهي، ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي تہ جعفر ايڪسپريس سانحي ڪانپوءِ ڪوئيٽا کان ٽرين سروس معطل آهي پر چمن پيسينجر ٽرين معمول موجب هلي رهي آهي.

مورو ۾ عوامي تحريڪ جي سجاڳ ٻار سنگت پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاج

غلام فريد ڪلهوڙو، محمد حسين اعواڻ ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان نعريبازي پڻ ڪئي

درياهه سنڌ جي ملڪيت آهي، پنجاب غير قانوني قبضو نہ ٿو ڪري سگهي: غلام فريد

درياهه سنڌي قوم جو واحد جياپو آهي، دشمن ڌاڙي تي قبضو ڪرڻ کان پاسو ڪري: خطاب

مورو (رپورٽ طالب مورائي) مورو ۾ عوامي تحريڪ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

مورو: سجاڳ ٻار تحريڪ پاران ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پيپلز ليبر بيورو ضلع سکر اڳواڻ پاران افطار پارٽي، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

سکر(بيورو رپورٽ) پيپلز ليبر بيورو جي زاهد لاشاري پاران افطار/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

نصيرآباد روحاني طلبہ جماعت پاران سچڻ سائين جي جنم ڏهاڙي جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

نصيرآباد. (رپورٽ اعظم ٽگڙ) روحاني طلبہ جماعت اصلاح /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

ڪنڌڪوٽ ۾ قبيلائي تڪرار تان ڪوسا برادري جي چيف مقدم جو پٽ قتل پائيٽيو زخمي

سي سيڪشن ٿاڻي جي حد اعواڻ پاڙي ۾ مخالف ڌر جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

گولين لڳڻ سبب چيف مقدم جو پٽ رفيق احمد تڏي تي مارجي ويو، سندس پائيٽيو عمران علي زخمي ٿيو

اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو مڙهه ۽ زخمي کي ڪٽائي اسپتال پهچايو، زخمي کي ڳڻتيءَ جوڳي حالت ۾ سکر نيو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ قبيلائي جهيڙا ناسور بڻيل مخالف ڌر جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا انڌاڌنڌ فائرنگ گولين لڳڻ سبب چيف مقدم منيرخان ڪوسو جو پٽ قتل پائيٽيو زخمي، جوابدار فرار، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

نصيرآباد: زخمي ٿيل ڦورو کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

نصيرآباد پوليس پاران ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ پڪڙڻ جي دعويٰ

گرفتار ٿيل ڌوهارين جي سڃاڻپ واجد مسڻ ۽ نظر ڪوسو طور ٿي

زخمي ڌوهارين کي علاج جي لاءِ لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) گذريل رات دير سان نصيرآباد پوليس مقابلي دوران ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، ا/ڏسو صفحو 2 بقايا 5

پنوعاقل پوليس ٻن ڦورن کي پڪڙي ورتو، سامان هٿ

ڪارروائي دوران غلام مرتضيٰ ۽ جونگ جتوئي کي پڪڙيو ويو: ايس ايچ او

جوابدارن جي نشاندهي تي ٽي ڦريل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون

سکر (رپورٽ:شڪيل عاجز) سکر پوليس جي اهم ۽ بهترين ڪارروائي، موٽرسائيڪل اسنيچنگ چوري ۾ ملوث 02 جوابدار گرفتار شهر جي مختلف/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

حيدرآباد ۾ پاڻي جي عالمي ڏهاڙي تي مختلف يونينز جو تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي سنڌ ايگريڪلچر جنرل ورڪرز يونين، هوم بيسڊ وومين ورڪر فيڊريشن پاران نڪتي، اڳواڻي لعل بخش سنيو ڪئي

پاڻي تي ڌاڙي ۽ گرين پاڪستان فارمنگ ڪارپوريشن منصوبي نالي تي زمينن جي والار کي ڪنهن بہ صورت قبول نٿا ڪريون

سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ جي زراعت، ماحول ۽ معيشت تي سخت اثر پوندو: جميلا خان

حيدرآباد: (بيورو) پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ ايگريڪلچر جنرل ورڪر يونين لاڳاپيل/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

شڪارپور پرسان مسافرن کان ڦرلٽ، پوليس ۾ حد بندي تڪرار

جيڪب آباد کان شڪارپور ويندڙ ڪار ۾ ٻين مسافرن کان ڦر

ايس ايچ او همايون ۽ ايس ايچ او سلطان ڪوٽ جي حد جي ماپ سپاٽي ڪرائيندا

شڪارپور (مير امتياز علي مري)جيڪب آباد کان شڪارپور ويندڙ مختيار لاشاري ۽ دوستن کان 2018 ڪلٽڪس ڪار 1 لک روڪ رقم,/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

پرياسٽي ۾ يوم علي تي جلوس برآمد، سيڪيورٽي سخت

عزادارن سينا زني زنجير زني ۽ نوحا خواني ڪري مولا ڪائنات کي پيٽا ڏني

جلوس روايتي روٽ کان ٿيندو واپس امام بارگاهه المصومين اصغريہ تي نهر ٿيو

پرياسٽي (ن پاڪ) سڄي سنڌ جيان پرياسٽي ۾ يوم شهادت حضرت امام علي عليہ السلام تي سلسلي ۾ امام بارگاهه انجمن اصغريہ امام/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

پ پ سينيٽر قرت العين مري پاران عورتن ۽ مردن ۾ سولر هوم ڪٽس تقسيم

سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ تحت سولر هوم ڪٽ ورهائڻ واري تقريب ڪوٺائي وئي

پ پ سينيٽر قرت العين مري بسپ ۾ رجسٽرڊ ٿيلن ۾ سولر هوم ڪٽس ورهايون

نئون آباد(ن پاڪ) سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ تحت حڪومت سنڌ جي توانائي واري وزارت پاران جام نواز علي فضل ربي شادي هال هيراٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

BUTION OF SOLAR HOME SYSTEM (S
DER SINDH SOLAR ENERGY PROJECT
SANGHAR
نئون آباد: پ پ سينيٽر قرت العين مري سولر پليٽون ورهائي رهي آهي

قاضي احمد پرسان ٽرالر جي ٽڪر ۾ پورهيت زخمي، هڪ جي حالت نازڪ

نيشنل هاءِ وي تي رنگ مهل شادي هال وٽ پورهيتن سان حادثو پيش آيو

خميسو جوٽيجو، حنيف جوٽيجو، خالد جوٽيجو رحيم جوٽيجو ٻيا زخمي ٿيا

قاضي احمد (ن پاڪ) قاضي احمد پرسان نيشنل هاءِ وي تي رنگ محل شادي هال وٽ تيز رفتار ٽرالر جو بہ سان پريل ٽريڪٽر ٽرالي کي زوردار /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

ڪي اين شاهہ ۾ يوم علي جي شهادت تي عزاداري، مجلسون

سخت سيڪيورٽي ۾ ماتمي جلوس نڪتو، مومنن جي سينا زني

پوليس انتظاميہ طرفان جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ انتظام سخت ڪيا ويا

خيرپور ناٿن شاهہ (قربان علي ٻگهيو) حضرت امام علي عليہ السلام جي يوم شهادت جي مناسبت سان عقيدت ۽ احترام سان مجلسون، جلوس/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

پي ايس ٽي پاران عظيم ختم القرآن بسلسلا شهادت مولا علي مشڪل ڪُشا منعقد

ختم القرآن ۾ عاشقان رسول وڏي انگ شرڪت ڪئي، صدارت حافظ خادم جلباڻي ڪئي

علاما ضامن علي طاهري، مولانا عبدالرحمان طاهري مولانا ڪائنات جو شان بيان ڪيو

پٽ شاهہ (ن پاڪ) پٽ شاهہ ۾ پاڪستان سني تحريڪ طرفان عظيم آليشان محفل ختم القرآن بسلسلا شهادت مولا علي مشڪل ڪشا شيخ /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

سجاول ۾ مولا ڪائنات جي شهادت ڏهاڙي جلوس نڪتو

سني رابطا ڪائونسل پاران ڪڍيل جلوس جي اڳواڻي سليمان راجا ڪئي

حضرت علي جي شهادت ڏهاڙي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي: اڳواڻ

سجاول (رپورٽر) سني رابطا ڪونسل سجاول پاران حضرت علي المرتضي رض جي شهادت جي موقعي تي مدح صحابہ جلوس ڪڍيو ويو سني رابطا /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

مدح صحابہ جلوس
علي المرتضيٰ
21 رمضان المبارڪ
سني رابطه ڪونسل
سجاول: سني رابطا ڪائونسل پاران يوم شهادت علي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

سکر ۾ سني رابطا ڪائونسل پاران يوم علي تي جلوس

شهادت علي المرتضيٰ جي ڏهاڙي تي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي

علي المرتضيٰ رضي الله عنہ جي عظمت ۽ شان سيني تي واضح آهي

سکر(بيورو رپورٽ) ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ بہ سني رابطا ڪائونسل ضلعي سکر پاران 21 رمضان المبارڪ يوم شهادتِ حضرت علي/ڏسو صفحو 3 بقايا 2

ڏڙو ۾ ناري پراسرار نموني گم، اغوا جو ڪيس داخل، وارثن پاران ڌرڻو، پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش

ناري چانڊني باگڙي جي بازيابي لاءِ باگڙي برادري جي ماڻهن پڃاري پل چوڪ تي ٽائرن باهہ ڏني

ڊي سي پي ٻٺورو ۽ ايس ايچ او ڏڙو پاران مظاهرين سان ڳالهيون، باگڙين جو ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار

ناري ڏڙي واسي نوجوان علي بخش سولنگي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي: علائقي ۾ چوٻول

ڏڙو (ن پاڪ) ڏڙو ۾ باگڙي برادري طرفان سوين عورتن ۽ ٻارن کي ساڻ ڪري سنڌن مبينا گم ٿيل نوجوان ناري چانڊني باگڙي جي بازيابي لاءِ پڃاري پل چوڪ تي ٽائرن کي باهہ ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ڏڙي ويجهو/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

ڏڙو: باگڙي برادري پاران ناري جي مبينا اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي، ٻي تصوير ۾ پوليس عملدار ڳالهيون ڪري رهيو آهي

سنڌ سيپيتا ڪراچي ڊويزن پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي آڏو انعام سنڌي، وهاب سنڌي جي اڳواڻي ۾ نعريبازي

سنڌ جا سمورا وسيلا آهستي آهستي سنڌ جي ماڻهن کان کسيا پيا وڃن: انعام سنڌي

پنجاب سنڌ کي تباهہ ڪرڻ چاهي ٿو، سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد جاري رهندي

ملير(ڊ ر) سنڌ سيپيتا ڪراچي ڊويزن پاران سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽنگ نالي زمين ڏيڻ خلاف ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي آڏو انعام سنڌي، وهاب سنڌي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 31

لاڙڪاڻي ۾ معذور جو گهر سروي رقم نہ ملڻ تي احتجاج

سماجي تنظيم بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولرايو پر رقم نہ ڏني: عبدالقادر بگٽي

آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهيان، اختياريون نوٽيس وٺن: دانهن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ فقير محمد بگٽي جي رهواسي معذور پورهيت گهر سروي جي امدادي رقم نہ ملڻ خلاف پريس /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

وڻ ڌرتي جي سونهن ۽ موسمن جا محافظ آهن: اختر علي ڪلهوڙو

جيڪڏهن وڻ نہ هجن تي اسان جو جيئڻ ڏکيو بڻجي وڃي: ظهور احمد

نسلن لاءِ ۽ ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ گهٽي کان گهٽا وڻ پوکيو

نصيرآباد(رپورٽ اعظم ٽگڙ) گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نصيرآباد جي پرنسپال پروفيسر اختر علي ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ پروفيسرن/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

نصيرآباد: ڊگري ڪاليج جو پروفيسر ۽ ٻيا ٻوٽو لڳائي رهيا آهن

سکر ۾ تڪراري ڪئنالن ۽ زمينن تي والار خلاف عوامي ورڪرز پارٽي روڊ تي، نعريبازي

ڪارڪنن ضياءَ پٽي، نبن ساڪاٽي، حڪيم زنگيجي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌو تي ڌاڙي ۾ وفاق سان پ پ برابر جي شريڪ آهي، سنڌو جي پاڻي جو ڦڙو بہ ڪٽڻ نہ ڏبو: ضياءَ پٽي

جلد منصوبا رد نہ ڪيا ويا تہ احتجاج ۾ وڌيڪ شدت آئي تہ وفاق لاءِ خطرا پيدا ٿي ويندا: نبن ساڪاٽي

سکر(بيورورپورٽ) عوامي ورڪرز پارٽي سموري سنڌ ۾ سنڌو دريا مان 6 ڪينال ڪڍڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

WORLD WATER DAY
22nd MARCH 2025
LET THE INDUS RIVER FLOW
NO MORE CANAL ON INDUS RIVER
STOP GENOCIDE SINDHI NATION
سکر: عوامي ورڪرز پارٽي پاران درياهہ مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ پاران ڪئنالن ۽ زمينن تي والار خلاف ريلي

ٻارڙن ۽ ٻارڙين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي "سنڌ جي ٿيندي ريگستان ڪيئن هي هلندو پاڪستان"؟ "درياهہ خاطر جهيڙو آ" جهڙا اپ ڏاريندڙ نعرا هنيا

ست ڪروڙ سنڌين جي اعتراض باوجود بہ وفاق غيرقانوني طور سنڌوءَ درياهہ مان ڪئنال ڪڍي رهيو آهي: اربيا ڪلهوڙو

پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سنڌ جي سوداگر بڻجي چڪي آهي، وزير عوام کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ احتجاجن جو ڊرامو ڪري رهيا آهن: شهزاد ڪلهوڙو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ 22 مارچ پاڻيءَ جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان سجاڳ /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

سجاڳ شهري اتحاد نصيرآباد جي گڏجاڻي، مختلف فيصلا، هٿرادو بجلي لوڊشيڊنگ تي ڳڻتي جو اظهار

نصيرآباد (رپورٽر) سجاڳ شهري اتحاد نصيرآباد جي صدر آصف علي ڪاٽيو جي صدارت هيٺ ٻين عهديدارن حيدار علي لغاري، انور علي/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

دادو: قتل ڪيس ۾ سزا ڪاٽيندڙ جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهي

دادو عدالت قتل ڪيس ۾ جوابدار کي 25 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

سيشن جج ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي گلزار مماٽي پنهور کي 25 سال قيد جي سزا ٻڌائي

عدالت جوابدار مٿان 5 لک رپيا ڏنڊ بہ مڙهيو، جوابدار کي جيل منتقل ڪيو ويو

دادو (ڊ ر) دادو پرسان خدا آباد ٿاڻي جي حد ۾ اڍائي سال اڳ ننڍيو ڀاءُ قتل ۽ وڏو ڀاءُ زخمي ٿيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دادو جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن/ڏسو صفحو 2 بقايا 10

شهدادپور ۾ سياسي سماجي اڳواڻ ڪامريڊ صاحب ڏني جي 4 ورسي ملهائي وئي

صاحبڏني سموري زندگي مارڪسي فلسفي تي گذاري: قاضي علي نواز

هن سياسي ميدان ۾ بهادري سان للڪار ڪري سياست ڪئي: غلام حيدر شاهہ

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان ٻاگراڻي) شهدادپور جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

لبرٽي پاور پلانٽ جي صفائي سترائي لاءِ غيرتجربيڪار ماڻهو ڀرتي

انتظاميا پراڻن ماهرن ۽ سينيئر ورڪرن کي مڪمل طور نظرانداز ڪري ڇڏيو

سي اي ۽ ڊائريڪٽر معاملي جو نوٽيس نہ ورتو تہ احتجاج ڪنداسين: سينيئر ورڪر

ڏهرڪي (رپورٽ وڃي ڪمار چاولا) TNB لبرٽي پاور پلانٽ جي سالياني صفائيءَ ۽ مرمت، مينٽيننس لاءِ شٽ ڊائون شروع ٿيڻ کان اڳ ڪم ۾ ماهر ۽ پراڻن ورڪرن کي ڪال ڪري پابند ڪيو ويو پر شٽ ڊائون شروع ٿيندي/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ڄامشورو ۾ پاڻي جي عالمي ڏينهن تي ٽرين جي ريلي

ساس ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين پاران درياهہ کي پيٽا پيش

درياهہ سميت ڪو بہ سنڌ دشمن منصوبو قبول ناهي: اڳواڻ

ڄامشورو (ٻر) ڄامشوري ۾ پاڻي جي عالمي ڏهاڙي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

پٽ شاهہ: علماءِ ڪرام ختم القرآن واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سيدنا علي عليہ السلام جي ڏسيل واٽ تي هلڻو پوندو: رانا غلام نبي راجپوت

مشڪلاتن، آزمائشن جي باوجود حق تي قائم رهڻ اصل ۾ وڏي ڪاميابي آهي

مسلم امت کي سيدنا علي عليہ السلام جي اصولن موجب هلڻو پوندو: شهادت ڏهاڙي تي بيان

پٽ شاهہ (ن پاڪ) چيئرمين هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس پاڪستان رانا غلام نبي راجپوت پاران سيدنا علي مرتضيٰ/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

ڏهرڪي ۾ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ انتظامي لاپرواهي سبب تباهہ

علي گوهر مهر هڪ ايڪڙ پلاٽ تي شهيد بينظير ڀٽو پارڪ منظور ڪرايو هو

خالد لنڊ ۽ پٽ پاران پارڪ تعمير جو ذمو کڻڻ باوجود افتتاح بعد ڪم شروع نہ ٿيو

چونڊيل نمائندا پارڪ جي تباهي جا ذميوار آهن، نوٽيس وٺي جلد مرمت ڪرائي وڃي: شهري

ڏهرڪي (رپورٽ وڃي ڪمار چاولا) ڏهرڪي ۾ ڪامورن ۽ چونڊيل نمائنده جي ملي ڀڳت ۽ لاپرواهي سبب شهر جو واحد شهيد بينظير ڀٽو پارڪ جڙڻ راس ٿيڻ کان اڳ ئي تباهہ ٿي ويو آهي. ٽائون چيئرمين منير احمد مهر جي دور ۾ سردار/ڏسو صفحو 2 بقايا 15



ڏهرڪي: انتظاميا جي لاپرواهي سبب شهيد بينظير پارڪ تباهي جو ڏيک ڏئي رهيو آهي

سکر ۾ بجلي باقيدارن خلاف ڪريڪ ڊائون، ڪيترن تي ڪيس داخل

ايڪسيئن نظام الدين پيرزادو جي اڳواڻي ۾ سب ڊويزن ٽي بندر روڊ ۾ ڪئي وئي

ڪيترن ئي باقيدارن کان ريڪوري بہ ڪئي وئي آهي: نظام الدين پيرزادو

سکر(بيورو رپورٽ) سيپڪو سب ڊويزن 3 بندر روڊ جون بل نہ ڏيندڙن خلاف گڏيل ڪارروايون جاري،ايڪسيئن نظام الدين پيرزادو، سيپڪو/ڏسو صفحو 2 بقايا 22

سنڌو ندي جي هر صورت ۾ حفاظت ڪنداسين: عامر علي مگسي

سنڌو درياءَ مان نڪتل ڪنهن بہ ڪينال کي قبول نہ ڪنداسين

طارق علي شاهہ جي ڪئنالن خلاف جدوجهد جي حمايت ڪيان ٿو

ڪراچي اوير(ن پاڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي ميمبر نوابزاده مير عامر علي خان مگسي پنهنجي خاص پيغام ۾ سماجي اڳواڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

ڳوٺ ڪاهي مميڻ ۾ اصغريہ پاڪستان ضلعي نوشهروفيروز پاران مجلس عزا ۽ افطار جو اهتمام

مولا علي جي شهادت سان ڪوفي جي مسجد جون ديوارون لُڏي ويون: علامہ خادم حسين

محراب ڪوفي مولا عليءَ جي سجدن جو شاهد هو، اڄ رتورت ٿي پيو : مجلس عزا کي خطاب

نوشهرو فيروز(ٻر) اصغريہ پاڪستان ضلعي نوشهروفيروز جي طرفان اميرالمومنين امام علي عليہ السلام جي شهادت جي موقعي تي ڳوٺ ڪاهي ممڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

نوشهروفيروز: علما ڪرام ٿيل مجلس عزا کي خطاب ڪري رهيو آهي

هنگورجا ۾ بہ ماتمي جلوس نڪتو، مومنن جي سينا زني

مرڪزي جلوس امام بارگاهہ تان برآمد ٿيو، سوين عزادارن شرڪت ڪئي

جلوس جي روٽن ۽ رستن تي پوليس جا اهلڪار مقرر ڪيا ويا هئا

هنگورجا (ن پاڪ) سڄي ملڪ جيان هنگورجا شهر ۾ بہ حضرت علي ڪرم الله وجہ جي شهادت جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

امام بارگاهہ وادي عباس جي متولي پاران ويسٽ پريس ڪلب جي صحافين کي افطار پارٽي ڏني وئي

جواد احمد باريجو جون فلاحي خدمتون ڪنهن کان لڪل ناهن: صحافي

ويسٽ پريس ڪلب هميشہ مظلومن سان نڀايو آهي: جواد احمد باريجو جو خطاب

گڏاپ (رپورٽر) امام بارگاهہ وادي عباس جي متولي جواد احمد باريجو پاران ويسٽ پريس ڪلب جي صحافين جي مان ۾ افطاري تقريب منعقد ڪئي/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

هيومن رائيٽس پاران ڏنل ذميواري اولين فرض سمجهان ٿو: صابر چانڊيو

ذميواري سونپڻ چئلينج آهي پورو ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس

ملڪ ۾ انساني حقن جي حاصلات مشڪل بڻائي وئي آهي: سماجي اڳواڻ

ڪراچي اوير (ن پاڪ) هيومن رائيٽس پروٽيڪشن ڪميشن پاران سماجي اڳواڻ صابر چانڊيو کي ضلعي مليرلاءِ ذميوار مقرر ڪيو ويو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

هڪ صدي ڪانپوءِ سکر بئراج جو ڪم ٿئي پيو: آءِ ايل او اڳواڻ

ڪم مڪمل ٿيڻ بعد سکر بئراج جي عمر وڌي ويندي: خادم حسين ڪوسو

سکر بئراج سنڌ جي زراعت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکي ٿو

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) آل پاڪستان يونائيٽيڊ ايريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن ۽ پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

سکر ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جو تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاج

احتجاج جي اڳواڻي خادم منگي، غلام رسول گهمرو، محمد علي شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

سنڌو دريا جي ڊيلٽا ۽ زرعي ايراضي خلاف سمورا منصوبا سرڪار فورن ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري: خادم منگي

ملڪ جا ڪرتا ڌرتا مختلف نالن سان پنهنجن مفادن خاطر ڪروڙين ماڻهن کان جياپو کسڻ چاهين ٿا: سردار پيرزادو

سکر(بيورورپورٽ) انجمن ترقي پسند مصنفين جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

قاضي احمد واسي پاران مائيڪرو فنانس بئنڪ عملي مٿان فراڊ جو الزام

گهر تعمير لاءِ مائيڪرو فنانس بينڪ نواب شاهہ وارن مون کان فنگر ورتا

8 ڏينهن بعد بينڪ وارن چيو تہ تون پئسا ڪڍرائي ويو آهين: گل محمد رند

قاضي احمد (رپوٽ غلام حسين راهو) ڳوٺ انجمن جو رهواسي پورهيت گل محمد عرف ڏاڏو رند تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد پهچي /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

قاضي احمد: ڳوٺاڻو مائيڪرو فنانس بينڪ عملي خلاف دانهي ڏئي رهيو آهي

لاڙڪاڻي جي فيضان مدينہ مرڪز ۾ ٽي سئو ڄڻا اعتڪاف ۾ ويٺا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) دعوت اسلامي لاڙڪاڻي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

لکي ۾ ڳوٺاڻن جو عزيزن جي زيادتين خلاف احتجاج

ٻي شادي ڪرڻ تي اڳوٺا سالا ڌمڪائي رهيا آهن: رشيد احمد هڪڙو

جوابدارن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

لکي غلام شاهہ(رپورٽ گوگي رام) لکي غلام شاهہ ويجهو چڪ لڳ ڳوٺ ڪاٺي جا رهواسي جي خلاف اڳوٽي مڙس رشيد احمد هڪڙو احتجاج /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

فائونڊيشن پاور پلانٽ انتظاميا خلاف ملازمن ۽ مهر برادري جو گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو

ٻن پورهيت کي برطرف ڪرڻ خلاف پورهيت تنظيمن ۽ مهر برادري جي ماڻهن ٽينٽ هڻي نعرا هنيا

17 سالن کان ڪم ڪندڙن کي بيروزگار ڪرڻ پورهيتن سان ظلم آهي: پورهيت تنظيم / مهر برادري

جيڪڏهن انتظاميہ پورهيتن کي بحال نہ ڪيو تہ عيد کان پوءِ پلانٽ جا مک گيٽ بند ڪيا ويندا: چتاءُ

ڏهرڪي (رپورٽ وڃي ڪمارچاولا) ڏهرڪي ويجهو قائم فائونڊيشن پاور پلانٽ جي انتظاميہ پاران جبرن طور نوڪرين تان برطرف ڪيل ٻن پورهيتن با غ علي مهر ۽ علي احمد مهر کي بحال نہ ڪرڻ خلاف گذريل ڏينهن مختلف/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

پيپلز پارٽي جي باني جي ورسي جا سمورا انتظام مڪمل آهن: جميل احمد سومرو

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان عوام ورسي ۾ شرڪت ڪري پنهنجي شهيد قائد کي خراج تحسين پيش ڪندو

ورسي جي حوالي سان جوڳا بندوبست ڪيا وڃن تہ جيئن ايندڙ عوام کي پريشاني سان منهن نہ ڏيڻو پئي

واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ۽ فل پروف سڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويندا تہ جيئن ڪو بہ ناخوشگوار واقعو پيش نہ اچي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو چيو آهي تہ 4 اپريل تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ اڳوڻي وزيراعظم پاڪستان شهيد /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ڳيريلي ۾ ايس يو پي ۽ سنڌ سجاڳ فورم جي خيرپور، لاڙڪاڻو پل تائين موٽرسائيڪل ريلي، درياهہ کي پيٽا

تڪراري ڪئنالن خلاف نڪتل ريلي جي اڳواڻي خالد محمود جتوئي، بابر علي ابڙو، بلاول سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

ريلي مختلف رودن سان ٿيندي دريا وٽ پهتي جتي ڪيترن ئي اڳواڻن، نوجوانن دريا تي گل نڇاور ڪري زبردست پيٽا پيش ڪئي

ڪئنالن جو منصوبو ختم ڪري سنڌ واسين جي بي چيني ختم ڪئي وڃي: خالد محمود جتوئي ۽ ٻيا

ڳيريلو(ن پاڪ) ڳيريلي ۾ سنڌو درياهہ مان غيرقانوني ڇهہ ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف ايس يو پي ۽ سنڌ سجاڳ فورم پاران سوين ماڻهن سان گڏ ڳيريلي کان خيرپور لاڙڪاڻو پل درياهہ تائين ريلي، درياهہ کي گلن سان پيٽا پيش، /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

ڳيريلو: ايس يو پي ۽ سنڌ سجاڳ فورم پاران درياهہ تي ڌاڙي خلاف موٽرسائيڪلن تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي